جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC CARTL

Daily AWAMI SOACH Karachi

روزاني عوامي سوچ ڪراچي

چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر: سيد گل شاه

جلد 16 | خميس 30 اپريل 2026ع بمطابق 12 ذوالقعد 1447هه | قيمت: 20 | شمارو 204

جنگ اسان جي ٻن سالن جي گڏيل ڪوششن کي تباهه ڪري ڇڏيو: وزيراعظم

ايران_ آمريڪا جنگ اسان جي ٻن سالن جي گڏيل ڪوشش کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي، ۽ عالمي منڊي ۾ قيمتن ۾ واڌ جي ڪري هڪ غير معمولي صورتحال آهي

ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ جنگ بندي جاري آهي. 11 اپريل تي، ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ اسلام آباد ۾ ڳالهيون شروع ٿيون. ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڳالهيون 21 ڪلاڪن تائين جاري رهيون

انهن خطي ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ مخلصانه ڪوششون ڪيون هن صورتحال ۾ عالمي منڊي ۾ تيل جون قيمتون وڌيون. عالمي منڊي ۾ تيل جي وڌندڙ قيمتن جو معيشت کي مستحڪم ڪرڻ جي ڪوششن تي اثر پيو آهي

جنگ کان اڳ پاڪستان جو هڪ هفتي جو بل 300 ملين ڊالر هو، جيڪو هاڻي 800 ملين ڊالر تائين پهچي چڪو آهي امن عمل ۾ گهرو وزير محسن نقوي جون ڪوششون به ساراهه جوڳيون آهن

ايراني پرڏيهي وزير عمان ۽ روس جو به دورو ڪيو، پنهنجي قيادت سان تفصيلي صلاح مشوري کان پوءِ جواب ڏيندو: ايراني پرڏيهي وزير

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ ملڪ جي مجموعي معاشي ۽ سياسي صورتحال جو جائزو ورتو ويو

اسلام آباد (بيورو) زيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته ايران_ آمريڪا جنگ اسان جي ٻن سالن جي گڏيل ڪوشش کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي، ۽ عالمي منڊي ۾ قيمتن ۾ واڌ جي ڪري هڪ غير معمولي صورتحال آهي. ڪابينا جي اجلاس کان پوءِ هڪ ڳالهه ٻولهه ۾، هن چيو ته ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ جنگ بندي جاري آهي. 11 اپريل تي، ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ اسلام آباد ۾ ڳالهيون شرو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

اسلام آباد: وفاقي وزير حنيف عباسي وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪندي

وچ اوڀر صورتحال: ورلڊ بينڪ توانائي جي قيمتن ۾ اضافي جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو) وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ واري صورتحال سبب عالمي سطح تي توانائي جي ق/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ايران آمريڪا عارضي جنگبندي کان پوءِ عرب ملڪن ۾ فضائي آپريشن 50 سيڪڙو تائين بحال

لاهور (م د) ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ عارضي جنگبندي کان پوءِ عرب ملڪن جي لاءِ فضائي آپريش/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

صدر ٽرمپ جي ايران کي جلد ايٽمي معاهدو ڪرڻ جي ڌمڪي، امن لاءِ ڪوششون جاري آهن، پاڪستان

صدر ٽرمپ پاران ايراني تجويزن کي رد ڪرڻ جي اشاري کان پوءِ پاڪستاني ثالثن کي جنگ بندي لاءِ نئين ايراني تجويزون ملڻ جو امڪان

ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي روس جي دوري کان پوءِ اڄ تهران واپس ايندو. تهران ۾ ، عباس عراقچي ايراني عملدارن سان تازي صورتحال تي بحث ڪندو

ايراني سپريم ليڊر مجتبيٰ خامنه اي سان رابطي ۾ مشڪلاتن جي ڪري ڳالهين جو عمل سست هوندو. مجتبيٰ خامنه اي اجا تائين هڪ نامعلوم هنڌ تي آهي

گذريل هفتي ايران پاران پيش ڪيل تجويزن کي قبول نه ڪندو. انهن تجويزن ۾ پهرين جنگ ختم ڪرڻ، پوءِ آبنائي هرمز کي بحال ڪرڻ ۽ پوءِ ايراني ايٽمي پروگرام تي ڳالهين شامل هئا: صدر ٽرمپ

ڳالهيون پنهنجي رفتار سان اڳتي وڌي رهيون آهن ۽ ترقي ان تي منحصر آهي ته ايران ڪڏهن اهڙيون تجويزون پيش ڪندو جيڪي آمريڪا لاءِ قابل قبول هجن

ايران ڪيس ٻڌايو آهي ته "اهي تباهي جي ڪناري تي آهن. ايران چاهي ٿو ته آمريڪا آبنائے هرمز کوليو وڃي آمريڪا ۽ ايران ايترو پري نه آهن جيترو اهي نظر اچن ٿا

واشنگٽن (م د) صدر ٽرمپ پاران ايراني تجويزن کي رَد ڪرڻ جي اشاري کان پوءِ پاڪستاني ثالثن کي جنگ بندي لاءِ نئين ايراني تجويزون ملڻ جو امڪان آهي. ڳالهين جي عمل سان واقف ذريعن آمريڪي نشرياتي اداري سي اين اين کي ٻڌايو ته ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي روس جي دوري کان پوءِ اڄ تهران واپس ايندو. تهران ۾، عباس عراقچي ايراني عملدارن سان تازي صورتحال تي بحث/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

سنيا: صدر آصف علي زرداري سان چيني آفيسر ملاقات ڪندي

ايران آمريڪا عارضي جنگبندي کان پوءِ نارورن ملڪن ۾ فضائي آپريشن 50 سيڪڙو تائين بحال

اڏامن جي بحالي 50 سيڪڙو تائين ٿي چڪي آهه قطر، ڪويت ۽ گڏيل عرب امارات ۽ سعودي ويندڙ ايندڙ اڏامن جي انگ ۾ واڌ ڪئي وئي آهي

علامه اقبال انٽرنيشنل ايئرپورٽ کان ابوظهبي دبئي ، ڪويت ۽ سعودي لاءِ 23 اڏامون روانيون ٿيون

ڪراچي (رپورٽر) ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ عارضي جنگبند/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

حج قانونن جي ڀڃڪڙين تي 6 پاڪستاني گرفتار

هڪ شخص کي بنا حج پرمٽ مڪي ۾ رهڻ تي تحويل ۾ ورتو ويو

5 ماڻهن کي مبينه طور بنا اجازت حاجين جي مدد ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو

رياض (م د) سعودي اختيارين حج قانونن جي ڀڃڪڙين جي خلاف ڪريڪ ڊائون تيز ڪري 6 پاڪستانين کي گرفتار ڪري ورتو رپورٽ موجب/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ڪشمور پوليس جو ڌاڙيلن سان مبينا مقابلو، 2 گهربل ڌاڙيل مارجي ويا

ڪشمور(رپورٽر) ڪشمور پوليس لاڳين پراڻي پرسان اهم ڪارروائي ڪندي ڌاڙيلن سان مبينا مقابلي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

ايران اطلاع ڏني آهي ته اهو تباهي جي ڪناري تي پهچي چڪو آهي: ڊونلڊ ٽرمپ

آبنائي هرمز کي فوري کولڻ ۽ ايٽمي پروگرام تي بعد ۾ ڳالهيون ڪرڻ جي ايراني تجويز صدر ٽرمپ جي سامهون آئي

آمريڪا ايران جيترا پري نظر اچي رهيا آهن اوترا آهن ڪونه، ٻنهي ملڪن ۾ سفارتڪاري جون ڪوششون هلي رهيون آهن

ايران آبنائي هرمز کولڻ جي آڇ آمريڪي ناڪه بندي جي خاتمي سان مشروط ڪئي آهي

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي آهي ته ايران آمريڪا کي ٻڌايو آهي ته اهو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

بادشاهه چارلس جو آمريڪا لاءِ نفيس پر واضح چتاءُ

حڪمراني، جمهوريت ۽ عالمي مثال طور ان جي طاقت بادشاهه چارلس ٽئين پنهنجا لفظ وڏي درستگي سان چونڊيندو آهي

واشنگٽن(م د) بغاوت جي ٽئين دور ۾، برطانوي بادشاهه آمريڪا کي ان جي جمهوري قدرن جي ياد ڏياري: قانون جي حڪمراني، جمهوريت ۽ عالم/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

وفاقي وزير اطلاعات تعليم يافته نوجوان اظهر ميمڻ سان ملاقات، نوڪري فراهم ڪرڻ جي يقين ڏياريو

ان موقعي تي جذباتي منظر ڏسڻ ۾ آيا ۽ نوجوان پنهنجي احساسن تي قابو نه رکي سگهيو

خيرپور سنڌ سان تعلق رکندڙ انتهائي قابل ۽ اعليٰ تعليم يافته نوجوان اظهار ميمڻ سان ملاقات هڪ تمام جذباتي لمحو هو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير اطلاعات ۽ نشريات عطا الله تارڙ خيرپور سنڌ سان تعلق رکندڙ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: وفاقي وزير اطلاعات عطا الله تارڙ تعليم يافته نوجوان اظهر ميمڻ سان ملاقات ڪندي

آمريڪا جي دشمني ۽ دوستي ٻئي غلط آهن: نعيم الرحمان

آمريڪا جي دشمني ۽ دوستي ٻئي غلط آهن. لاهور جي منصوره ۾ پريس ڪانفرنس

ماڻهو آمريڪا جي اثر هيٺان نڪرڻ شروع ٿي ويا آهن. ۽ آمريڪي غلامي جي چادر لاهڻ جي ضرورت آهي

لاهور (م د) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير نعي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

لاهور: امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

صوبي جي ڪمرشل گاڏين جي سيني روٽ پرمٽن ۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽن کي ڊجيٽل سسٽم ۾ منتقل ڪيو پيو وڃي: شرجيل انعام ميمڻ

سنڌ حڪومت صوبي ۾ ٽرانسپورٽ سسٽم کي جديد بڻائڻ لاءِ هڪ اهم ۽ فيصلو ڪندڙ قدم کنيو آهي ۽ صوبي جي سيني روٽ پرمٽن ۽ گاڏين جي فٽنيس سرٽيفڪيٽن کي مڪمل طور تي ڊجيٽل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو

سنڌ حڪومت جي ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي صوبي جي روٽ پرمٽن ۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽن جي مڪمل ڊجيٽلائيزيشن لاءِ 30 جون 2026 آخري تاريخ مقرر ڪئي

صوبي جي ڪمرشل گاڏين جي سيني روٽ پرمٽن ۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽن کي ڊجيٽل سسٽم ۾ منتقل ڪيو پيو وڃي، هر گاڏي مالڪ ۽ ٽرانسپورٽر کي تصديق ٿيل ۽ آن لائن دستياب دستاويز فراهم ڪيا ويندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت صوبي ۾ ٽرانسپورٽ سسٽم کي جديد بڻائڻ لاءِ هڪ اهم ۽ فيصلو ڪندڙ قدم کنيو آهي ۽ صوبي جي سيني روٽ پرمٽن ۽ گاڏين جي فٽنيس سرٽيفڪيٽن کي مڪمل طور تي ڊجيٽل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو آهي. سنڌ حڪومت جي ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي صوبي جي روٽ پرمٽن/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ايم ڪيو ايم پاڪستان جي وفد جو ڪي اليڪٽرڪ جي ريجنل هيڊ آفيس جو دورو

شهر ۾ ڏکيي ۽ اڻ اعلانيل لوڊ شيڊنگ جي خلاف سخت خطره ظاهر ڪيا

وفد ۾ برنس روڊ ٽائون جو انچارج عرفان الله خان ٽائون ميمبر افضال قريشي ۽ عمران چشتي به شامل هئا

وفد ريجنل هيڊ فيصل خان ۽ آءِ بي سي اي جي ايم عبدالقدوس سان ملاقات ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مرڪزي اڳواڻ زاهد منصوري جي اڳواڻي ۾ هڪ وفد ڪي اليڪٽرڪ جي ريجنل هيڊ آفيس جو دورو ڪيو ۽ شهر ۾ ڏکيي ۽ اڻ اعلانيل لوڊ شيڊنگ جي خلاف سخت خطره ظاهر ڪيا وفد ۾ بر/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: وفاقي وزير رانا تنوير حسين اجلاس جي صدارت ڪندي

سي ڊي اي جو سمورو رڪارڊ ڊجيٽل ڪرڻ جو فيصلو

رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن 120 ڏينهن ۾ ڪئي ويندي، شهري پنهنجي درخواستن جي اپڊيٽ اسٽيٽس پاڻ معلوم ڪري سگهندا: وفاقي گهرو وزير

اسلام آباد ۾ ڪنهن به غير قانوني هائوسنگ سوسائٽي کي ڪم ڪرڻ جي اجازت نه هوندي

نئين ڪنوينشن سينٽر، ايڪسپو سينٽر ۽ اسلام آباد ارينا جي تعمير ايس سي او سربراهي اجلاس کان اڳ مڪمل ڪئي وڃي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ اسلام آباد ۾ جاري سرڪاري منصوبن ۽ نون منصوبن جي اڳيرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سي ڊي اي جي سيني رڪارڊ کي ڊجيٽل ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر4

اورڪزئي ۾ برساتي تباهي، ٻوڏ وهڪرن ۾ ڪيترائي گهر تباهه

مشتي ميله واري هنڌ تي تيز برساتن کان پوءِ ٻوڏ وهڪرن سبب ڪيترائي دڪان ۽ گهر پاڻي ۾ لڙهي ويو

رستي ۾ ايندڙ ڪيترين ئي گاڏين ۽ موٽر سائيڪلون به لڙهي ويون ٻئي طرف لاهور سميت پنجاب جي مختلف علائقن ۾ به اڄ صبح جي وقت برسات پئي

جنهن سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا. موسميات کاتي موجب صوبي جي مختلف ضلعن ۾ موسم خشڪ رهڻ جو امڪان آهي

پشاور (م د) خيبرپختونخواهه جي ضلعي اورڪزئي ۾ تازي برساتي نظام جي تحت ٿيندڙ طوفاني برسات سبب تباهي ٿي وئي آهي. تفصيل موجب مشتي ميله واري هنڌ تي تيز برساتن کان پوءِ ٻوڏ وهڪرن سبب ڪيترائي دڪان/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر27

پ پ حڪومت سنڌ ۾ امن قائم ڪرڻ ناڪام ثابت ٿي آهي: ڪاشف سعيد شيخ

مزاحمت ڪرڻ تي قتل ٿيڻ ۽ معصوم چوڪري اُجالا سولنگي کي بازياب نه ڪرائڻ حڪومت جي ناڪامي آهي

امان الله سيال جي گهر پهچي ڪري عيادت ۽ سندس جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته پ پ جي سنڌ حڪومت ڪراچيءَ کان ڪشور صوبي ۾ امن قائم/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

مرتضيٰ وهاب جي اڳواڻي ۾ ڪراچي ۾ رڪارڊ ترقياتي منصوبن تي تيزي سان جاري

ڪرم الله وقاصي اپوزيشن جماعتن طرفان ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب خلاف عدم اعتماد جي تحريڪ بابت ڪيل دعوائن کي سختي سان رد

پاڪستان پيپلز پارٽي عملي قدمن ذريعي شهر جي مسئلن جي حل لاءِ مضبوط بنياد وڌو آهي

ماضي ۾ شهر کي نظرانداز ڪندڙ قوتون هاڻي ڪوڙي پروپيگنڊا وسيلي عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي جي ترجمان ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي پارليامانی ليڊر ڪرم الله وقاصي اپوزيشن جماعتن طرفان ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب خلاف عدم اعتماد جي تحريڪ بابت ڪيل دعوائن کي سختي سان رد ڪندي چيو آهي ته اهي سمورن سياسي چالون شهر ۾ جاري تاريخي ترقياتي ڪمن کي سبوتاژ ڪرڻ / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

لوئر اسٽاف واٽر مينيجمينٽ ايگريڪلچر ڊپارمنٽ جي ڊيلي ويجز ملازمن جو پريس ڪلب اڳيان احتجاج

مظاهري جي اڳواڻي ممتاز پنهور ڪئي مظاهرين وزيراعلي هائوس وڃڻ جي ڪوشش ڪئي

پوليس ريڊ زون ۾ رڪاوٽون وجهي شارع کي بند ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) لوئر اسٽاف واٽر مينيجمنٽ ايگريڪلچر ڊپارمنٽ جي ڊيلي ويجز ملازمن اربع تي ڪراچي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

جماعت اسلامي سنڌ جي اڳوڻي ڪاشف شيخ، اسدالله ڀٽو جو سينئر صحافي قاضي اعجاز احمد سان تعزيت

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف شيخ، سينيئر اڳواڻ اسدالله ڀٽو ۽ س/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

آمريڪي فوج عربي سمنڊ ۾ هڪ ٻئي شڪي جهاز کي روڪي ورتو

تلاشي ورتي ۽ هي تصديق ٿيڻ کان پوءِ ته جهاز ڪنهن ايراني بندگاهه ڏانهن نه پيو وڃي

هن وقت تائين ايران وڃڻ يا ايراني بندگاهه کان ايندڙ 29 جهازن جو رخ موڙيو ويو آهي جيئن پابندين تي عمل ٿي سگهي

واشنگٽن (م د) آمريڪي فوج جي سينٽرل ڪمانڊ (سينٽڪام چيو آهي ته عربي سمنڊ ۾ آمريڪي ميرينز ايم وي بليو اسٽار 3 نالي هڪ تجارج/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ڪراچي پوليس چيف جي صدارت ۾ مددگار 15 جي ڪارڪردگي ۽ اڳيرائي جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس

ڊي آءِ جي ايڊمن ڊي آءِ جي سيڪيورٽي ائينڊ ايمرجنسي ۽ ايس ايس پي مددگار 15 شرڪت ڪئي

ايس ايس پي 15 يونٽ جي ڪارڪردگي عوامي شڪايتن جو ازالو ريسپانس ٽائم ۽ سروس ڊليوري ۾ بريفنگ ڏني

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي مددگار 15 جي ڪارڪردگي کي ڪارگر بڻائڻ عوامي سهولتن کي بهتر بڻائڻ ۽ شڪايتن جي بروقت ازالي لاءِ هدايتون جاري ڪيون

شهرين کي فوري ۽ معياري خدمتن جيي فراهمي ڪراچي پوليس جي پهرين ترجيح اهي ۽ جديد گهرجن سان سلهاڙيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان مددگار 15 جي ڪارڪردگي ۽ اڳيرائي جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪراچي پوليس آفيس ۾ اهم اجلاس جي صدارت ڪئي ڊي آءِ جي ايڊمن ڊي آءِ جي سيڪيورٽي ائينڊ ايمرجنسي ۽ ايس ايس پي م/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

بجلي بحران تي ڪنٽرول ڪرڻ جون ڪوششون جاري

سي اين جي سيڪٽر جي گيس پاور سيڪٽر ڏانهن منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

انهي مقصد جي لاءِ سي اين جي سيڪٽر کي فراهم ٿيندڙ 48 ايم ايم سي ايف ڊي گيس معطل ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو) بجلي بحران تي ڪنٽرول ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن. انهي حوالي سان سي اين جي سيڪٽر جي گيس پاور سيڪٽ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ٽڪ ٽاڪر ثنا يوسف جي قتل جو ٽرائل ٻي عدالت منتقل ڪرڻ جي درخواست رد

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جج افضل مجوڪا کي ٽرائل جاري رکڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

چيف جسٽس سرفراز ڊوگر قتل ڪيس جي جوابدار عمر حيات جي ڪيس منتقلي جي درخواست تي فيصلو

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٽڪ ٽوڪر ثنا يوسف جي قتل جو ٽرائل ٻي عدالت منتقل ڪرڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي. اسلام آباد /ڏسو صفحو 2 بقايا نمب13

ٺل: ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، 3 زخمي

ٺل (م د) اوڏانهون ۾ ٻن موٽرسائيڪلن جي ٽڪر ۾ هڪ شخص فوت ۽ ٽي زخمي ٿي پيا. پو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

پنجن بورڊن ۾ شاگردن جا نتيجا تبديل ڪرڻ جو انڪشاف

ميرپور خاص(رپورٽر) ڪرپشن جي الزام ۾ گرفتار اڳوڻي ڪنٽرولر انور عليم تعليمي بورڊ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

لاهور: عورت ميمبر پنجاب اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ اچي رهي آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ، مرتضيٰ ڀٽو ۽ ڀيڻ جي قتل ڪيس ۾ جوابدارن جي بريت جي خلاف اپيل جي ٻڌڻي وڪيل جي درخواست تي 25 مئي تائين ملتوي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ، مرتضيٰ ڀٽو ۽ ڀيڻ جي قتل ڪيس ۾ جوابدارن جي بريت/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

پ پ جو دٻاءُ، هاءِ ڪورٽ جي 2 ججز جي بدلي رڪجي وئي

جسٽس خادم حسين سومرو ۽ جسٽس ارباب ايم طاهر جا نالا في الحال ٽرانسفر جي فهرست مان خارج ڪيا ويا

صدر آصف علي زرداري جي واپسي تي انهي معاملي کي ٻيهر اٿارڻ جو امڪان آهي

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 5 ججز جي بدلي جي معاملي ۾ دلچسپي رکندڙ حلقن کي اگاري جي ڏينهن انهي وقت جزوي جهٽڪ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

نيو ڪراچي: مڙس ۽ زال جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار

عورت هما جو لاش گرائونڊ فلور تي ۽ انور جو لاش پهرين منزل تي مليو، ملزم متاثرين جو پاڙيسري آهي

ڪر ڪان پوءِ، هن متاثرين کي انهن جي چانهه ۾ هڪ دوا ڏني، جنهن ڪري اهي ٻئي ننڊ ۾ هئا

نيو ڪراچي (رپورٽر) بلال ڪالوني ۾ مڙس ۽ زال جي قتل ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي، پوليس موجب، عورت هما جو لاش گرائونڊ فلور /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

ڪراچي: ڊپٽي ڪمشنر سينٽرل طلحه سليم نيو ڪراچي سنڌي هوٽل تي ڪارروائي ڪندي

سي سي ڊي مقابلن ۾ تيزي، 11 ڌوهاري مارجي ويا

لاهور سميت ٻين شهرن ۾ هڪ ئي ڏينهن دوران 5 مبينه مقابلا ٿيا جنهن ۾ 11 ڌوهاري مارجي ويا

لاهور ۾ 6 ڌوهاري مارجي ويا، مقابلي مقابلا ڊفينس، اقبال ٽائون ۽ چوڻگ وارن علائقن ۾ ٿيا

اشتهاري ڌوهارين جي وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ 3 ڌوهاري مارجي ويا جڏهن ته ساهيوال ۾ به سي سي ڊي سان مبينه مقابلي ۾ 2 ڌوهاري مارجي ويا

لاهور (م د) پنجاب ۾ ڪرائم ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ جي مبينه مقابلن ۾ هڪ دفعو ٻيهر تيزي اچي وئي آهي لاهور سميت ٻين شهرن ۾ هڪ ئي ڏينهن دوران 5 مبينه مقابلا ٿيا جنهن ۾ 11 ڌوهاري مارجي ويا. پوليس موجب لاهور ۾ 6 ڌوهاري/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily **AWAMI SOACH** Karachi

روزاني **عوامي سوچ** ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهہ شيرازي

خميس 30 اپريل 2026ع بمطابق 12 ذوالقعد 1447هہ

آمريڪي معيشت ۾ ايران ۽ عالمي معاشي دٻاءُ

وسعت الله خان

آمريڪي معيشت ۾ ايتري گنجائش ضرور موجود آهي جو جيڪڏهن اُها هڪ سال تائين بہ ايران جي معاشي ناڪابندي جاري رکڻ چاهي، تہ ان جا اثر آمريڪي معيشت تي ظاهري طور ترت ڪو وڏو ڏک نہ وجهندا. پر جيڪڏهن آبنائي هرمز جي بيٺي بندش ايندڙ ٽن مهينن تائين جاري رهي، تہ عالمي معاشي لاٺ جي ٻٽي تلوار ڪان آمريڪي عوام ۽ ٽرمپ جا ووٽر ڪيتري دير تائين پاڻ کي محفوظ رکي سگهندا؟ ان جي اُبتڙ، ايرانين جو معاملو ظاهري طور سادو آهي. اهي گذريل اڌ صديءَ کان هر قسم جي پابندين جا عادي آهن. تنهنڪري انهن بنيادي ضرورتن ۾ خودڪفالت حاصل ڪئي آهي ۽ درآمد ۽ برآمد لاءِ متبادل رستا ڳولي ورتا آهن. جيڪڏهن عالمي پابنديون ايتريون وسيع ۽ ڏگهي عرصي واريون نہ هجن ها، تہ شايد ايران جي مڊل ڪلاس ڪڏهن جو رياستي نظام جي مضبوط پڪڙ کي ڪجهہ نرم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ها. جنهن مڊل ڪلاس لاءِ مغرب کي تڏهن ڪان همدردي جو درد آهي، جڏهن ڪان ايران تي اقتصادي پابنديون وڌيون ويون آهن

اهو ئي مغربي ٻٽو معيار آهي، جنهن کي ايراني حڪمران طبقي پنهنجي استحڪام لاءِ مهارت سان استعمال ڪيو آهي. جيڪڏهن مغرب جو رويو ائين ئي رهيو، تہ قومپرستي ۽ عقيدي جي ميلاپ تي ٻڌل ايراني رياستي نظام بہ ائين ئي جاري رهندو. يعني هڪ لحاظ سان مغرب ۽ ايراني نظام جي وچ ۾ دشمني اصل ۾ ٻنهي طرفن جي لاشعوري تعاون جي شعوري تصوير ٻڻجي وڃي ٿي انهن فلسفياڻين ڳالهين ڪان هٽي ڪري، اڄ جي عملي حقيقت ڪجهہ هن ريت آهي تہ ٻنهي حريفن مان جيڪو سڀ ڪان پهرين ڪمزور ٿيندو، اهو آمريڪا ئي ٿي سگهي ٿو. آمريڪي خزاني جي وزير اسڪاٽ بيسنٽ پنهنجي حساب سان صاف فارمولو پيش ڪيو آهي: ايران جي معيشت جو 80 سيڪڙو دارومدار تيل تي آهي، ۽ 90 سيڪڙو تيل خارجي دنيا ڏانهن خرگ ٻيٽ جي آئل ٽرمينل تان وڃي ٿو. جيڪڏهن آمريڪي ناڪابندي جاري رهي، تہ ٻن هفتن ۾ خرگ ٻيٽ تي تيل رکڻ جي گنجائش ختم ٿي ويندي، جنهن ڪري ايران کي پنهنجي ريفائنريون ۽ تيل جا کوهہ بند ڪرڻا پوندا، ۽ ڪجهہ هفتن ۾ معيشت آهستي آهستي ٻيهجي ويندي. پوءِ ايران اقتصادي دٻاءُ ۾ اچي آمريڪا آڏو جهڪي پوندو بس ڪهاڻي ختم پر باقي دنيا اهڙي ڪنهن تصوراتي خول ۾ قيد ناهي، جنهن ۾ ٽرمپ ۽ سندس ڪابينا بند آهن

اهو صحيح آهي تہ 80 سيڪڙو ايراني تيل آبنائي هرمز ذريعي ئي ٻاهر وڃي ٿو، پر 28 فيبروري ڪان جنگ شروع ٿيڻ باوجود ايران نہ صرف وڌيڪ تيل وڪرو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو، پر ان جي قيمت بہ اڳ کان وڌيڪ حاصل ڪئي (90 ڪان 100 ڊالر في بيرل) يعني جنگ ڪان پوءِ هڪ مهيني ۾ ايران کي 5 ارب ڊالر آمدني ٿي، جڏهن تہ جنگ ڪان اڳ فيبروري جي سڄي مهيني ۾ اها آمدني ساڍا ٽي ارب ڊالر رهئي. يعني جنگ دوران ايران جي تيل مان آمدني لڳ ڀڳ 40 سيڪڙو وڌي وئي. (اهو ئي تہ چئبو آهي: ”ڪبڙي کي لات لڳي تہ سنڌس ڪب سڌو ٿي ويو“) اهو ئي سبب هو، جنهن ٽرمپ انتظاميا کي ايران جي بحري ناڪابندي جو خيال ڏنو. ان جي پٺيان سوچ هي آهي تہ ايران جي تيل جو 80 سيڪڙو خريدار چين آهي، تنهنڪري ناڪابندي سان سڀ کان وڌيڪ متاثر چين ٿيندو. پوءِ چين ايران تي دٻاءُ وجهندو تہ هو پنهنجو رويو نرم ڪري. چوتہ ايراني معيشت ۾ چين جو اهم ڪردار آهي، تنهنڪري ايران چين کي انڪار نہ ڪري سگهندو، ۽ آمريڪي مطالبن جو وڏو حصو قبول ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندو. پوءِ آمريڪا فتح جو اعلان ڪندو، جڏهن تہ ايران بہ پنهنجي ڪاميابي جو دعويٰ ڪندو، ۽ چين بہ پاڻ کي اهم ثالث طور پيش ڪندو پر ايران شايد ائين نہ ٿو سوچي. انهن جي نظر ۾ جنگ ۽ ناڪابندي جي پيٽ ۾ وڌيڪ نقصان آمريڪا جي خليجي اتحادي ملڪن کي ٿيو آهي. متحده عرب امارات ۽ سعودي عرب وٽ ڪجهہ متبادل واپاري رستا آهن، پر ڪويت، بحرين ۽ قطر تہ مڪمل طور خليج فارس ۾ محدود آهن. ڪويت ۽ قطر فورس ميجور جي شق تحت پنهنجا توانائي معاهدا عارضي طور معطل ڪري ڇڏيا آهن قطر، جيڪو في ماڻهو آمدني ۾ امير ترين ملڪن مان آهي، پنهنجي مالي ساک بچائڻ لاءِ 3 ارب ڊالر جا هنگامي بانڊ جاري ڪيا آهن. جڏهن تہ امارات ڊالر جي ممڪن کوٽ کان بچڻ لاءِ آمريڪا کان ڪرنسي سواپ جي درخواست ڪئي آهي جنهن تي ٽرمپ بہ حيران ٿي ويو آهي هن پسمنظر ۾ ايراني معيشت جي حالت تي غالب جو شعر ياد اچي ٿو:

گهر ۾ تها ڪا ڪترا غم اس غارت ڪرتا
وجو رکهتہ تهہ ۾ اک حسرتِ تعمر سو

جنگ هاڻي آبنائي هرمز کان نڪري آهستي آهستي بحر هند تائين پکڙجي رهي آهي. آمريڪي بحريہ ايراني آئل ٽينڪرن جي ڳولا ۾ آهي، پر ايتري وڏي سمنڊ ۾ انهن کي پڪڙڻ آسان ناهي. هڪ بہ ٽينڪر پڪڙي آمريڪا ڪاميابي جو اعلان تہ ڪري سگهي ٿو، پر حقيقت اها آهي تہ لڳ ڀڳ 180 ملين بيرل ايراني تيل مختلف منزلن ڏانهن روانو آهي جڏهن هي آخري ذخيرو بہ مارڪيٽ تائين پهچي ويندو، تڏهن اصل کوٽ شروع ٿيندي، جنهن جا اثر عام صارف تائين پهچندا. پوءِ عوام ۾ پنهنجي حڪومتن تي دٻاءُ وجهندو، ۽ حڪومتون آمريڪا کان پڇنديون تہ هڪ ملڪ کي جهڪائڻ لاءِ سڄي دنيا جي معيشت کي ڇو خطري ۾ وڌو پيو وڃي؟ شايد هڪ مهيني اندر اهو مرحلو اچي، جڏهن ٽرمپ پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿئي ۽ ايران دٻاءُ مان نڪري اچي گهٽ ۾ گهٽ ايراني سوچ ائين ئي آهي هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ آمريڪي سوچ غالب اچي ٿي يا ايراني سوچ في الحال ڪو بہ يقين سان نٿو چئي سگهي

رڳو شرمندگي سان مسئلا حل نہ ٿيندا، گڏ گورننس ڏيکارڻي پوندي

ڪجهہ ڏينهن اڳ سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهہ زير تعمير ريڊ لائين بي آر ٽي جي دوري دوران هڪ خانگي ٽي وي سان ڳالهائيندي چيو تہ يونيورسٽي روڊ ڪان متاثر ٿيندڙ شهرين ڪان معذرت ڪريان ٿو ۽ ڪوشش ڪنداسين تہ ڪراچي جي شهرين کي پهتل تڪليف جو ازالو ڪيو وڃي. هن اعتراف ڪيو تہ بي آر ٽي ريڊ لائين لاٽ ٽو جي مڪ ڪوريڊور جو پيهر ٽينڊر ڪنداسين، اڳوڻي ٺيڪيدار ڪم نہ ڪيو. پران سلسلي ۾ هو پنهنجي ذميواري قبول ڪري ٿو هن اهو بہ چيو تہ ڪراچي يونيورسٽي جي روڊ جي صورتحال تي عوام اڏو ڪيس شرمندگي محسوس ٿئي ٿي.

ريڊ لائين جو ڪم جيڪو سال 2022 ۾ شروع ٿيو هو جنهن کي 2024 ۾ مڪمل ٿيڻو هو پر هاڻي 2026 اچڻ باوجود ان جي تڪميل جو ڪو پتو ناهي. ذريعن موجب صدر آصف علي زرداري پڻ سنڌ جي ترقياتي منصوبن جي دير تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو هو. هن هڪ اجلاس ۾ واضح ڪيو تہ جيڪڏهن سنڌ حڪومت ڪان ڪم نٿو ٿئي تہ اهي منصوبا محسن نقوي جي حوالي ڪيا وڃن جيڪو لاهور ۽ اسلام آباد ۾ ڪجهہ ڏينهن اندر انڊر پاسز ۽ روڊ مڪمل ڪرائي وٺندو آهي. ايئن ڪراچي کي پاڻي مهيا ڪرڻ وارو ڪي فور منصوبو بہ گذريل 22 سالن ڪان رکيل آهي.

ٻئي پاسي ريڊ لائين رٽا بابت وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي بيان تي سوشل ميڊيا تي پڻ تفصيلي ردعمل ظاهر ٿيو آهي. جنهن ۾ عوام چيو آهي تہ مسئلو صرف ڪراچي يونيورسٽي روڊ جو ناهي پر ڪراچي جي ڪا بہ ترقياتي رٿا مقرر وقت تي مڪمل ناهي ٿيندي، چا اها نااهلي آهي يا ڪرپشن آهي. عوام آخر ڪيستائين تڪليفن ۽ واعدن کي برداشت ڪندو رهندو. اسان ان عوامي ردعمل سان متفق آهيون. مسئلو صرف ڪراچي جي ترقياتي منصوبن جي وقت سر پورائي جو ناهي پر ڏسجي تہ سڄي سنڌ ۾ بيڊ گورننس جو راڄ آهي تنهن ڪري ئي مسئلائي مسئلا، پريشانيون ئي پريشانيون ۽ تڪليفون ئي تڪليفون آهن.

سو وڏي وزير مراد علي شاهہ جي شرمندگي جي اظهار سان مسئلا حل نہ ٿيندا پر مسئلن جي حل لاءِ وڏي وزير کي گڏ گورننس قائم ڪرڻي پوندي. ان حوالي سان حيرت جو اظهار پڻ ڪيو ويندو آهي تہ باوجود ان جي تہ پ پ جي سنڌ ۾ لاڳيتو 18 سال حڪومت آهي پر ايڏي عرصي ڪان پوءِ بہ پ پ جيڪڏهن گڏ گورننس قائم نہ ڪري سگهي آهي تہ چا ان کي حڪمرانن جي نااهلي نٿو قرار ڏئي سگهجي؟ ائين بہ ناهي تہ ڪوحڪومت جي نااهلي جي ڪنهن نشاندهي ناهي ڪئي. هر سال پ پ جي حڪومت کي سندس خراب ڪارڪردگي جو آئينو ڏيکاريو ويندو آهي ايستائين جو گڏ گورننس لاءِ حڪومت کي مختلف صلاحون بہ ڏينديون رهيا آهيون پر مجال آهي جو حڪمران پنهنجي اصلاح ڪن اچا بہ چوندا تہ پ پ خلاف سازش ٿي رهي آهي پر هاڻي پاڻ وڏو وزير ڪراچي يونيورسٽي روڊ جي اڏاوت ۾ دير تي شرمندگي جو اظهار ڪري رهيو آهي. اسان تہ سنڌ حڪومت کي گڏ گورننس لاءِ اهو بہ مشورو ڏيندا رهيا آهيون تہ مڪاني نظام کي مضبوط ڪري جيئن 18 هين ترميم ذريعي صوبن کي وفاق ڪان ڪجهہ وڌيڪ حق ۽ اختيار ڏيا ريا آهن تيئن صوبن کي بہ ڪجهہ اختيار ۽ حق ضلعن ڏانهن منتقل ڪرڻ گهرجن پر حڪومت کي افسوس تہ اها ڳالهہ بہ تاحال سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي باوجود ان جي تہ سنڌ حڪومت جي بيڊ گورننس سبب ڪراچي کي ڌار صوبو ڪرڻ جو بہ آواز اٿي رهيو آهي ۽ ان آواز کي بند ڪرڻ جو بہ اهو ئي طريقو آهي تہ ضلعي نظام کي مضبوط ڪيو وڃي تہ جيئن عوام ۽ ضلعن جا ننڍا ننڍا مسئلا اتي ئي حل ٿي وڃن پر سنڌ حڪومت کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي ضلعي حڪومتن جي حوالي سان عام تاثر اهو هوندو آهي تہ شايد اهو جنرل پرويز مشرف جو آندل نظام آهي جڏهن تہ پاڻ کي ياد آهي تہ ضلعي نظام جي پهرين آئيڊيا بينظير ڀٽو صاحبہ جي هڪ چونڊ منشور طور ڏني هئي پر جيئن تہ سندس بي حڪومت جلد ختم ٿي وئي هئي تنهن ڪري شايد اها پنهنجي حڪومت ۾ ضلعي نظام متعارف نہ ڪرائي سگهي هئي. پر جيڪڏهن سنڌحڪومت سمجهي ٿي تہ نہ ضلعي نظام جي مضبوطي جي ضرورت ناهي تہ پلا اها بين طريقن سان گڏ گورننس ڪري ڏيکاري هاڻي جڏهن 18 سال لاڳيتو حڪومت ڪرڻ باوجود پ پ جي حڪومت گڏ گورننس قائم نہ ڪري سگهي آهي تہ مجموعي طور تي ان جي نااهلي تي سوال اٿي رهيا آهن تہ ان کي حڪومت شايد ڪرڻ نہ ٿي اچي. اهڙو تاثر ختم ڪرڻ لاءِ پ پ جي سنڌ حڪومت کي پنهنجي ڪارڪردگي غير معمولي طور ڏيکارڻي پوندي. چوڻ وارا چون ٿا تہ مريم نواز کي پهريون ڀيرو پنجاب جي وڏ وزارت جو تجربو ٿيو آهي پر هن پهرين تجربي ۾ ئي سنڌ جي سينئر وڏي وزير مراد علي شاهہ کان وڌيڪ اتي بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري رهي آهي. اسان جو خيال آهي تہ سنڌ حڪومت توڙي سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهہ کي هاڻي بہ موقعو آهي تہ پنهنجي ڪارڪردگي بهتر ڪري ۽ ان جي شروعات رڳو ڪراچي يونيورسٽي روڊ جي اڏاوت سان نہ پر مجموعي طور تي گڏ گورننس سان ڪرڻي پوندي چاڪاڻ تہ سنڌ حڪومت جي نا اهلي جو سنڌ جي وحدت کي بہ نقصان رسي رهيو آهي، ڪراچي کي ڌار صوبو بڻائڻ ۽ پ پ کي ايندڙ چونڊن ۾ ووٽ نہ ڏيڻ جي هاڻي ڪان ئي مهم شروع ٿي وئي آهي. سو پنهنجو خيال اهو آهي تہ سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهہ کي صرف ڪراچي يونيورسٽي روڊ جي اڏاوت واري منصوبي ۾ دير تي ئي شرمندگي جو اظهار نہ ڪرڻ گهرجي پر مجموعي طور تي پنهنجي بيڊ گورننس جو بہ اعتراف ڪرڻ گهرجي پر اهو بہ مسئلي جو حل ناهي. مسئلي جو حل اهو آهي تہ سنڌ حڪومت ۽ وڏو وزير مراد علي شاهہ مجموعي طور تي سنڌ ۾ گڏ گورننس قائم ڪري يا پنهنجي نااهلي ۽ ناڪامي کي تسليم ڪندي استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي.

امتحانن ۾ ڪاپي جو لاڙو: روڪٿام لاءِ سنجيده قدم کڻڻ جو سوال

ڊاڪٽر فياض احمد سومرو

سنڌ جي تعليمي نظام ۾ ڪاپي جو لاڙو هڪ اهڙو ناسور بڻجي ويو آهي، جيڪو نہ رڳو شاگردن جي علمي معيار کي متاثر ڪري رهيو آهي، پر سڄي سماج جي اخلاقي بنيادن کي بہ ڪمزور ڪري رهيو آهي. تعليم جو بنيادي مقصد علم، فهم، ۽ تنقيدي سوچ پيدا ڪرڻ هوندو آهي. پر جڏهن امتحان صرف نمبر حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻجي وڃي ۽ ان لاءِ ڪاپي ڪرڻ هڪ عام عمل بڻجي وڃي، تڏهن تعليم پنهنجي اصل روح وڃائي ويهندي آهي سنڌ ۾ خاص طور تي بورڊ امتحانن دوران ٿيندڙ ڪاپي هڪ وڏي چيلينج جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. جنهن جا اثر نہ صرف تعليمي ادارن تائين محدود آهن، پر سماجي، معاشي ۽ قومي ترقي تي بہ پون ٿا

ڪاپي جا سبب گهڻ رخي آهن سڀ ڪان پهريون سبب تعليمي نظام جي ڪمزوري آهي، جتي نصاب پراڻو، غير لاڳاپيل ۽ رٽو تي ٻڌل آهي شاگردن کي سمجهہ بدران ياد ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو، جنهن ڪري هو اصل علم حاصل ڪرڻ کان لاچار رهن ٿا COMPETENCE BASED CURRICULUM جي کوٽ سبب شاگردن ۾ عملي مهارتون، تجزياتي سوچ ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت پيدا نٿي ٿئي ASSESSMENT CRITERIA بہ گهڻو ڪري اهڙو آهي جيڪو صرف يادگيري کي ماپي ٿو، نہ تہ سمجهہ ۽ قابليت کي، جنهن ڪري شاگرد ڪاپي کي هڪ آسان رستو سمجهن ٿا

ان سان گڏ هڪ اهم سوال بہ اڀري ٿو تہ عملي امتحان ۽ حقيقي سکيا کي ڇو نظرانداز ڪيو ويو آهي؟ سنڌ جي گهڻن تعليمي ادارن ۾ PRACTICAL EXAMS رڳو رسمي ڪارروائي بڻيل آهن يا انهن کي سنجيدگي سان نہ ورتو وڃي ٿو ليبارٽريز ۾ جديد سامان جي کوٽ، استادن جي تربيت جي گهٽتائي ۽ نگراني جي ڪمزوري سبب شاگردن کي عملي سکيا نٿي ملي نتيجي طور سڄو زور رٽو ۽ لکڻ تي اچي وڃي ٿو، جنهن ڪري CRAMMING CULTURE وڌي ٿو جڏهن شاگرد کي تجرباتي سکيا، سائنس ليب يا حقيقي مشق جو موقعو نہ ملندو، تڏهن هو صرف ڪتابي جواب ياد ڪندو ۽ امتحان ۾ ڪاپي ڪرڻ کي آسان سمجهندو ان صورتحال ۾ ليبارٽريز جي نئين سر تعمير، جديد اوزارن جي فراهمي ۽ عملي سرگرمين کي لازمي بڻائڻ انتهائي ضروري آهي ساڳي طرح روايتي تدريس کي ڇڏي SMART CLASSROOMS جو تعارف ڪرائڻ گهرجي، جتي ٽيڪنالاجي، ملٽي ميڊيا ۽ INTERACTIVE LEARNING ذريعي شاگردن ۾ دلچسپي پيدا ڪئي وڃي

استادن جي تدريس جو طريقو بہ هن مسئلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو ڪيترائي استاد اڃا تائين پراڻن طريقن تي پاڙين ٿا ۽ شاگردن کي مفهوم تي ٻڌل سکيا فراهم نٿا ڪن هتي هڪ انتهائي اهم پهلو استادن جي تربيت جو آهي، جتي جديد دور مطابق TEACHER TRAINING MODELS جهڙوڪ TRAINING OF TRAINERS (TOT) کي متعارف ڪرائڻ جي سخت ضرورت آهي جيڪڏهن استادن کي جديد تدريسي طريقن، ٽيڪنالاجي جي استعمال، شاگرد مرڪوز سکيا ۽ تنقيدي سوچ کي هٿي ڏيڻ بابت باقاعده تربيت ڏني وڃي، تہ هو شاگردن کي بهتر نموني سکائي سگهن ٿا والدين ۽ سماج جو دٻاءُ بہ هڪ وڏو سبب آهي، جتي نمبرن کي علم ڪان وڌيڪ اهميت ڏني وڃي ٿي والدين جو فعال ڪردار انتهائي اهم آهي. چاڪاڻ تہ جيڪڏهن والدين ٻارن ۾ ايمانداري، محنت ۽ سکيا جي اهميت پيدا ڪن تہ ڪاپي جي رجحان ۾ نمايان گهٽتائي اچي سگهي ٿي

سنڌ ۾ ڪاپي لاڙي کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪامي جو وڏو سبب ارادي جي کوٽ ۽ انتظامي ڪمزوري آهي امتحاني سينٽرن تي بااثر ماڻهن جي مداخلت، نگران عملي جي غير سنجيدگي ۽ قانوني ڪارروائي جي کوٽ هن مسئلي کي وڌائين ٿا STRICT VIGILANCE جي کوٽ سبب امتحان ۾ شفافيت متاثر ٿئي ٿي، ۽ جڏهن نگراني ڪمزور هجي، تڏهن ڪاپي هڪ عام ڳالهہ بڻجي وڃي ٿي هتي هڪ اهم ۽ سڌي سوال پڻ اڀري ٿو: جڏهن چونڊن جو سڄو نظام هڪ يا ٻن ڏينهن ۾ شفاف نموني هلائي سگهجي ٿو، جڏهن CSS جهڙا انتهائي مقابلي وارا امتحان بنا ڪاپي جي منعقد ٿين ٿا، جڏهن يونيورسٽي امتحانن ۾ بہ ڪاپي جي ڪنٽرول ممڪن آهي، ۽ جڏهن شاگرد عالمي اسڪالرشپس بہ ايمانداري سان حاصل ڪن ٿا، تہ پوءِ نائين ڪان ايف ايس سي تائين بورڊ امتحانن ۾ ڪاپي جو نٿي روڪي سگهجي؟ هي حقيقت ظاهر ڪري ٿي تہ مسئلو ناممڪن نہ پر انتظامي ڪمزوري، ارادي جي کوٽ ۽ نظام جي ناڪامي آهي ان لاءِ ڪري EXAM CENTER MAPPING کي لازمي بڻائڻ گهرجي تہ جيئن شاگردن کي غير جانبدار ۽ ڪنٽرول ٿيل سينٽرن تي ويهاريو وڃي ۽ مقامي اثر ختم ڪيو وڃي ساڳي وقت، اهو وقت اچي ويو آهي تہ BOARD OF SECONDARY EDUCATION جي پوري ميڪنزم کي نئين سر ڏنو وڃي ۽ MERIT BASED APPOINTMENTS ذريعي قابل، ايماندار ۽ پيشہ ور ماڻهن کي اڳيان آندو وڃي

تعليمي بورڊن جو ڪردار انتهائي اهم آهي، پر ڪيترن هنڌن تي شفافيت ۽ ميرٽ جي کوٽ نظر اچي ٿي جيڪڏهن ASSESSMENT CRITERIA کي جديد بڻايو وڃي، COMPETENCE BASED CURRICULUM لاڳو ڪيو وڃي ۽ سوالنامي کي سمجهہ ۽ تجزيي تي ٻڌل بڻايو وڃي، تہ شاگردن کي اصل سکيا طرف راغب ڪري سگهجي ٿو شاگردن جي تعليم ۾ دلچسپي گهٽجڻ بہ ڪاپي ڪلچر جو وڏو سبب آهي جڏهن پڙهائي غير لاڳاپيل ۽ بورنگ هجي، تڏهن شاگرد ڪاپي کي آسان رستو سمجهن ٿا دلچسپي پيدا ڪرڻ لاءِ عملي سرگرميون، ٽيڪنالاجي، SMART CLASSROOMS ۽ INTERACTIVE TEACHING ضروري آهن

ڪاپي جو رجحان نوجوانن جي صلاحيتن کي سخت نقصان پهچائي ٿو اهڙا شاگرد پنهنجي خود اعتمادي، تجزياتي سوچ ۽ مقابلي جي سگهہ وڃائي ويهندا آهن. جنهن سبب اهي CSS، PMS ۽ PCS جهڙن مقابلي وارن امتحانن ۾ ناڪام ٿين ٿا بين الاقوامي سطح تي بہ اهي شاگرد اسڪالرشپس حاصل ڪرڻ ڪان محروم رهن ٿا، چو تہ عالمي معيار تي علم، تحقيق ۽ مهارت کي اهميت ڏني وڃي ٿي جيڪڏهن هي ڪاپي ڪلچر اهڙيءَ طرح جاري رهيو تہ اهو وقت پري ناهي جڏهن سنڌ جو ڪو بہ شاگرد نہ وفاقي سطح تي مؤثر نمائندگي ڪري سگهندو ۽ نہ ئي بين الاقوامي برادري ۾ پنهنجو مقام ناهي سگهندو. جيڪا انتهائي ڳڻتي جوڳي صورتحال هوندي

سنڌ حڪومت طرفان وقت بوقت ڪاپي خلاف قدمن جا اعلان ڪيا ويا آهن ۽ اعليٰ سطح تي گڏجاڻيون ۽ وزيرن جي ڪانفرنسن ۾ بہ هن مسئلي تي ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي آهي، پر اصل امتحان عملدرآمد جو آهي حڪومت کي گهرجي تہ هو صرف بيانن تائين محدود نہ رهي، پر تعليمي سڌارن، استادن جي تربيت، ليبارٽريز جي بهتري، SMART CLASSROOMS جي قيام، EXAM CENTER MAPPING ۽ سخت نگراني کي يقيني بڻائي

ڪاپي لاڙي کي ختم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ امتحاني نگراني جو مضبوط نظام قائم ڪيو وڃي ۽ STRICT VIGILANCE کي يقيني بڻايو وڃي تہ جيئن امتحان دوران ڪنهن بہ قسم جي بي ضابطگي جي گنجائش نہ رهي CCTV ۽ ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪري شفافيت وڌائي وڃي سوالنامي جي سمجهہ تي ٻڌل تبديلي آندي وڃي ۽ سخت قانون ۽ سزا جو نفاذ ڪيو وڃي استادن کي پنهنجي اخلاقي ۽ تعليمي ذميوارين جو احساس ڏياريو وڃي ۽ پيپر ليڪ روڪڻ لاءِ موثر قدم کنيا وڃن

شاگردن جي اخلاقي تربيت کي فروغ ڏنو وڃي ۽ والدين کي بہ پنهنجي ذميواري نڀائڻ لاءِ آگاهہ ڪيو وڃي امتحاني سينٽرن جي رشنلائيزيشن ڪئي وڃي، ٻاهرين مداخلت ختم ڪئي وڃي ۽ ZERO TOLERANCE سينٽر قائم ڪيا وڃن ڊجيٽل ۽ MCQ بيسڊ امتحاني نظام متعارف ڪرايو وڃي، بورڊ عملي جي جوابدهي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ شفاف شڪايت نظام قائم ڪيو وڃي

تعليم ۾ LEARNING OUTCOMES تي زور ڏنو وڃي، COMPETENCE BASED CURRICULUM کي مڪمل طور لاڳو ڪيو وڃي ۽ HONOR SYSTEM کي هٿي ڏني وڃي تدريسي نظام کي جديد بڻايو وڃي، ليبارٽريز کي اپڊيٽ ڪيو وڃي، SMART CLASSROOMS قائم ڪيا وڃن، ۽ TEACHER TRAINING MODELS جهڙوڪ TRAINING OF TRAINERS (TOT) کي مضبوط بڻايو وڃي تہ جيئن استاد جديد دور جي تقاضائن مطابق تدريس ڪري سگهن استاد ۽ شاگرد جي وچ ۾ مضبوط تعلق پيدا ڪيو وڃي تہ جيئن شاگرد اعتماد سان سکڻ طرف مائل ٿين

استادن جو ڪردار هن سڄي بحث جو مرڪز ۽ بنياد آهي، چو تہ تعليمي نظام ۾ ايمانداري، محنت ۽ اصولن جي پاسداري جو پهريون درس استاد ئي ڏئي ٿو. جيڪڏهن استاد پنهنجي پيشہ ور ذميوارين کي سنجيدگي سان نڀائي، نقل جي رجحان کي واضح طور رد ڪري ۽ امتحاني عمل کي شفاف بڻائڻ لاءِ سخت قدم کڻي، تہ ڪاپي ڪلچر کي بنيادي سطح تي روڪي سگهجي ٿو. حقيقت ۾ شاگردن جو رويو گهڻو ڪري استاد جي رهنمائي، نگراني ۽ اخلاقي تربيت جو عڪس هوندو آهي؛ تنهن ڪري استاد جو فرض صرف پڙهائڻ تائين محدود ناهي، پر هڪ اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ بہ آهي جتي ايمانداري کي همٿايو وڃي ۽ نقل کي سماجي ۽ اخلاقي طور ناقابلِ قبول بڻايو وڃي. جيڪڏهن استاد پنهنجو ڪردار ايمانداري، جرئت ۽ مستقل مزاجي سان ادا ڪن، تہ سنڌ مان ڪاپي ڪلچر جو خاتمو ڪا ڏکي ڳالهہ نہ رهندي، بلڪ هڪ ممڪن ۽ حاصل لائق هدف بڻجي سگهي ٿو

بقايا * 01**

ڪندو ذريعن موجب، ايراني سپريم ليڊر مجتبيٰ خامنہ اي سان رابطي ۾ مشڪلاتن جي ڪري ڳالهين جو عمل سست هوندو. مجتبيٰ خامنہ اي اجا تائين هڪ نامعلوم هنڌ تي آهي. صدر ٽرمپ ڪالهہ اشارو ڏنو هو تہ هو گذريل هفتي ايران پاران پيش ڪيل تجويزن کي قبول نہ ڪندو. انهن تجويزن ۾ پهرين جنگ ختم ڪرڻ، پوءِ آبنائ هرمز کي بحال ڪرڻ ۽ پوءِ ايراني ايٽمي پروگرام تي ڳالهيون شامل هئا. ذريعن جو چوڻ آهي تہ ڳالهيون پنهنجي رفتار سان اڳتي وڌي رهيون آهن ۽ ترقي ان تي منحصر آهي تہ ايران ڪڏهن اهڙيون تجويزون پيش ڪندو جيڪي آمريڪا لاءِ قابل قبول هجن ٽرمپ اڄ هڪ سوشل ميڊيا بيان ۾ چيو تہ ايران ڪيس ٻڌايو آهي تہ ”اهي تباهي جي ڪناري تي آهن. ايران چاهي ٿو تہ آمريڪا آبنائ هرمز کوليو وڃي. اڳ ۾، سي اين اين چيو هو تہ آمريڪا ۽ ايران ايترو پري نہ آهن جيترو اهي نظر اچن ٿا، پس منظر ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سخت سفارتڪاري جاري آهي. وچ اوپر ۾ امن لاءِ ڪوششون جاري آهن. شهباز شريف پاڪستان جي وزيراعظم چيو آهي تہ ”وچ اوڀر ۾ امن قائم ڪرڻ جون ڪوششون اڃا تائين جاري آهن“، جڏهن تہ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهيون جڻ تہ جمود جو شڪار نظر اچن ٿيون وزيراعظم جي آفيس طرفان سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ شهباز شريف چيو: ”اسان جي وڏين ڪوششن سبب جنگبندي کي وڌايو ويو آهي، جيڪا اڃا تائين جاري آهي“ ”امن لاءِ ڪوششون جاري آهن، ۽ انهن ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ ايندي“. صدر ٽرمپ سان لاڳاپا سنا آهن. جرمن چانسلر جرمني جي چانسلر فريڊرڪ مرز زور ڏنو آهي تہ ڊونلڊ ٽرمپ سان سندس لاڳاپا اڃا بہ سنا آهن، باوجود ان جي جو آمريڪي صدر ڪيس ان ڳالهہ تي تنقيد جو نشانو بڻايو تہ ايران ڳالهين دوران واشنگٽن کي ”ذليل“ ڪري رهيو آهي، اي ايف پي رپورٽ ڪيو آهي ”منهنجي نظر ۾، آمريڪي صدر ۽ منهنجي وچ ۾ ذاتي لاڳاپا اڳ وانگر ئي سنا آهن،“ مرز برلن ۾ هڪ پريس ڪانفرنس دوران چيو جرمن اڳواڻ چيو تہ هن شروعات کان ئي ايران خلاف آمريڪا_اسرائيل جنگ بابت شڪ ظاهر ڪيا هئا هن وڌيڪ چيو تہ ”اسان جرمني ۽ يورپ ۾ ان جا نتيجا وڏي حد تائين ڀوڳي رهيا آهيون.“ هرموز مان ٽريفڪ گذرڻ جي رفتار سست آهي گذريل 24 ڪلاڪن دوران هرموز لنگهہ جي چوڌاري واپاري سامونڊي ٽريفڪ گهٽ رهي آهي، جڏهن تہ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهيون اڃا بہ رڪيل آهن. ۽ رڳو 10 جهاز هن سامونڊي رستي مان گذريا، اناڊولو نيوز ايجنسي رپورٽ ڪيو آهي. رپورٽ موجب 6 جهاز عربي نار کان عمان نار ڏانهن ويا، جڏهن تہ چار جهازن اوپر کان اولهہ طرف سفر ڪيو جلد جوهري معاهدو ڪريو 'هاڻي وڌيڪ نرم رويو نہ'، ٽرمپ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران تي زور ڀريو آهي تہ ”هوشيار بڻجي“ جوهري معاملن تي جلد معاهدو ڪريو ٽرٿ سوشل تي پنهنجي پوسٽ ۾ هن لکيو: ”ايران پنهنجا معاملا سنڀالي نٿو سگهي انهن کي خبر ناهي تہ غير جوهري معاهدي تي ڪيئن صحيح ڪجي انهن کي جلد هوشيار ٿيڻ گهرجي!“ ٽرمپ هڪ اي آءِ ذريعي تيار ڪيل تصوير بہ شيئر ڪئي، جنهن ۾ هو هٿ ۾ بندوق جهلي بيٺو آهي ۽ پٺيان ڌماڪا ٿي رهيا آهن. جڏهن تہ ڪيپشن لکيل هو: ”هاڻي وڌيڪ نرم رويو نہ.“ خليج ملڪن جي سيڪيورٽي هڪ ٻئي کان الڳ نہ آهي: متحده عرب امارات جو پرڏيهي وزير خليج تعاون ڪائونسل جو 19 هون مشاورتي اجلاس جده ۾ منعقد ٿيو ان دوران اماراتي پرڏيهي وزير شيخ عبدالله چيو تہ خليج ملڪن جي سيڪيورٽي هڪ ٻئي کان الڳ نہ آهي، ۽ ڪنهن بہ ميمبر ملڪ جي خودمختياري لاءِ خطرو پوري خليج نظام جي سيڪيورٽي لاءِ خطرو آهي. هن خليج تعاون ڪائونسل جي سيني ملڪن جي گڏيل دفاع کي ناگزير قرار ڏنو ۽ خليج اتحاد جي تحفظ ۽ استحڪام لاءِ هڪ گڏيل حڪمت عملي تي زور ڏنو جنگ بندي جي باوجود اسرائيل جو لبنان تي حملا جاري، 5 ماڻهو شهيد جنگ بندي جي باوجود، اسرائيل لبنان تي حملو جاري رکي ٿو لبناني سول ڊفينس جي مطابق، اسرائيلي فوج جي تازين حملن ۾ 3 امدادي ڪارڪنن سميت 5 ماڻهو شهيد ٿيا. لبناني وزيراعظم چيو تہ ڏکڻ لبنان ۾ اسرائيل جو سول ڊفينس اهلڪارن کي نشانو بڻائڻ هڪ نئون جنگي ڏوهہ آهي.

بقايا * 02**

تباهي جي ڪناري تي پهچي چڪو آهي آمريڪي صدر سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو تہ ايران چاهي ٿو تہ جيترو جلدي ممڪن ٿي سگهي آمريڪا آبنائي هرمز کي کولي ڇڏي هوڏانهن آمريڪي ميڊيا چيو آهي تہ آبنائي هرمز کي فوري کولڻ ۽ ايٽمي پروگرام تي بعد ۾ ڳالهيون ڪرڻ جي ايراني تجويز صدر ٽرمپ جي سامهون آئي پر اهو انهي کي قبول ڪرڻ جي حق ۾ نہ آهي ٻئي طرف آمريڪي ٽي وي سي اين اين چيو آهي تہ آمريڪا ايران جيترا پري نظر اچي رهيا آهن اوترا آهن ڪونہ. ٻنهي ملڪن ۾ سفارتڪاري جون ڪوششون هلي رهيون آهن ايران آبنائي هرمز کولڻ جي آڇ آمريڪي ناڪہ بندي جي خاتمي سان مشروط ڪئي آهي ۽ چيو آهي تہ اهو سڀ ٿي ويندو تہ پوءِ ايراني ايٽمي پروگرام تي ڳالهيون ٿينديون پر آمريڪا کي پرامن مقصدن جي لاءِ يورينيم تيار ڪرڻ واري ايراني حق کي بہ مڃڻو پوندو

بقايا * 03**

تعليم يافتہ نوجوان اظهر ميمڻ سان ملاقات ڪئي ۽ ڪيس نوڪري فراهم ڪرڻ جي يقين ڏياريو آهي عطا تارڙ سماجي رابطن واري ويب سائيٽ "ايڪس" تي ملاقات جي هڪ وڊيو بہ شيئر ڪئي، جنهن ۾ هن اظهر ميمڻ کي پنهنجي سيٽ تي ويهاريو ان موقعي تي جذباتي منظر ڏسڻ ۾ آيا ۽ نوجوان پنهنجي احساسن تي قابو نہ رکي سگهيو. وڊيو ۾ هو جذباتي ٿيندي چوي ٿو تہ اهي لمحات سندس لاءِ انتهائي خاص آهن خيرپور سنڌ سان تعلق رکندڙ انتهائي قابل ۽ اعليٰ تعليم يافتہ نوجوان اظهار ميمڻ سان ملاقات هڪ تمام جذباتي لمحو هو ڪجهہ ڏينهن اڳ سندس هڪ وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي هئي، جنهن ۾ هن پنهنجي ماضي کان وٺي اڄ تائين جي ڏکين حالتن جي ڪهاڻي بيان ڪئي هئي. هن ڪراچي يونيورسٽي مان ايم بي اي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي پنهنجي پيغام ۾ عطا تارڙ چيو تہ اظهر ميمڻ سان ملاقات هڪ انتهائي جذباتي ۽ متاثر ڪندڙ لمحو هو سندس مطابق ڪجهہ ڏينهن اڳ اظهر ميمڻ جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي هئي، جنهن ۾ هن پنهنجي زندگي جي ڏکين حالتن ۽ جدوجهد جو احوال بيان ڪيو هو اظهر ميمڻ ڪراچي يونيورسٽي مان ايم بي اي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي وفاقي وزير وڌيڪ ٻڌايو تہ هن اظهر ميمڻ کي اسلام آباد گهرايو سندس حوصلا افزائي ڪئي ۽ سندس لاءِ مناسب روزگار جو بندوبست ڪرڻ جو يقين ڏياريو سوشل ميڊيا تي صارفين پاران عطا تارڙ جي هن قدم کي ساراهيو پيو وڃي، جڏهن تہ ڪجهہ ماڻهن افسوس جو اظهار بہ ڪيو آهي تہ 2003 ۾ آءِ بي اي ڪراچي مان ايم بي اي ڪرڻ باوجود اظهر ميمڻ کي سخت حالتن کي منهن ڏيڻو پيو

بقايا * 04**

ويو اجلاس ۾ محسن نقوي چيو تہ رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن 120 ڏينهن ۾ ڪئي ويندي، شهري پنهنجي درخواستن جي اپڊيٽ اسٽيٽس پاڻ معلوم ڪري سگهندا، ۽ اسلام آباد ۾ ڪنهن بہ غير قانوني هائوسنگ سوسائٽي کي ڪم ڪرڻ جي اجازت نہ هوندي. اجلاس ۾ هدايت ڪئي وئي تہ نئين ڪنوينشن سينٽر ايڪسپو سينٽر ۽ اسلام آباد ارينا جي تعمير ايس سي او سربراهي اجلاس کان اڳ مڪمل ڪئي وڃي. ان کان علاوه، F6 ۾ سروس سينٽر ٺاهڻ لاءِ منصوبي لاءِ زمين مختص ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جڏهن تہ جديد تفريحي سهولتن کي فروغ ڏيڻ لاءِ ٽاپ گولف، هاٽ ايئر بلون، زپ لائن، واٽر پارڪ ۽ تفريحي پارڪ تي جلد ڪم شروع ڪرڻ جون هدايتون پڻ ڏنيون ويون. ان حوالي سان محسن نقوي چيو تہ راندين جي سرگرمين کي فروغ ڏيڻ لاءِ جديد اسپورٽس ڪمپليڪس ناهيا ويندا.

بقايا * 05**

جي ناڪام ڪوشش آهن پنهنجي تفصيلي بيان ۾ هن چيو تہ ميئر مرتضيٰ وهاب جي اڳواڻي ۾ ڪراچي ۾ رڪارڊ ترقياتي منصوبن تي تيزي سان ڪم هلي رهيو آهي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي عملي قدمن ذريعي شهر جي مسئلن جي حل لاءِ مضبوط بنياد وڌو آهي هن چيو تہ ماضي ۾ شهر کي نظرانداز ڪندڙ قوتون هاڻي ڪوڙي پروپيگنڊا وسيلي عوام کي گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن ڪرم الله وقاصي وڌيڪ چيو تہ روڊن جي تعمير ۽ بحالي، نيڪال آب جي نظام جي بهتري، صفائي جي جديد نظام، پارڪن جي بحالي ۽ شهري سهولتن جي فراهمي سميت ڪيترائي منصوبا تيزي سان مڪمل ڪيا پيا وڃن، جن جا مثبت اثر هاڻي عوام تائين پهچڻ شروع ٿي ويا آهن هن واضح ڪيو تہ پيپلز پارٽي صرف دعوائن بدران عملي ڪم تي يقين رکي ٿي ۽ ڪراچي جي ترقي ان جو چٽو ثبوت آهي هن چيو تہ شهر ۾ 84 نوان پارڪ تعمير ٿيا آهن، چار وڏا سگنل فري ڪوريڊور ناهيا پيا وڃن، جڏهن تہ 139 روڊن تي تيزي سان ڪم جاري آهي عظيم پور فلائي اوور، واٽر پمپنگ اسٽيشن جي اپگريڊيشن، بوسيده نيڪال آب لائينن جي تبديلي ۽ ڪاروباري مرڪزن جي جديد بڻت جهڙا منصوبا بہ جاري آهن. جيڪي شهر جي بنيادي ڍانچي کي بهتر بڻائي رهيا آهن جماعت اسلامي تي تنقيد ڪندي هن چيو تہ ترقياتي ڪمن جي رفتار سبب ڪجهہ سياسي ڌريون پريشاني جو شڪار آهن ۽ تخريبي سياست ذريعي رڪاوٽون پيدا ڪرڻ چاهين ٿيون. جڏهن تہ پيپلز پارٽي پنهنجي قيادت جي ون تحت تعميري سياست تي يقين رکي ٿي هن امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان جي بيانن تي ردعمل ڏيندي چيو تہ حقيقت کان خالي ۽ سياسي پوائنٽ اسڪورنگ تي ٻڌل بيانن سان مسئلا حل ناهن ٿيندا، جڏهن تہ يونيورسٽي روڊ سميت اهم انفراسٽرڪچر منصوبن تي ڪم جاري آهي ۽ جلد عوام کي ريليف فراهم ڪيو ويندو اپوزيشن اتحاد ۽ عدم اعتماد جي ڪوشش تي تنقيد ڪندي ڪرم الله وقاصي چيو تہ اها هڪ غير سنجيده ۽ بي بنياد مهم آهي، جنهن جو مقصد رڳو ميڊيا جي توجهہ حاصل ڪرڻ آهي هن چيو تہ سٽي ڪائونسل ۾ پيپلز پارٽي کي واضح اڪثريت حاصل آهي ۽ اهڙي ڪنهن بہ سازش کي ڪامياب ٿيڻ نہ ڏنو ويندو هن حليم عادل شيخ ۽ ٻين اپوزيشن اڳواڻن جي سرگرمين کي سياسي بي چيني جو اظهار قرار ڏيندي چيو تہ ماضي ۾ شهر کي نقصان پهچائيندڙ عناصر اڄ احتساب جي خوف سبب پريشان آهن آخر ۾ هن چيو تہ ڪراچي جا عوام باشعور آهن ۽ هو ترقي جي سفر کي روڪڻ جي هر ڪوشش کي رد ڪندا هن عزم جو اعادو ڪيو تہ ميئر مرتضيٰ وهاب جي اڳواڻي ۾ شهر کي جديد، صاف ۽ ترقي يافتہ بڻائڻ جو مشن هر صورت جاري رهندو ۽ ڪنهن بہ سياسي دٻاءُ يا سازش کي خاطر ۾ نہ آندو ويندو

بقايا * 06**

ددگار 15 شرڪت ڪئي ايس ايس پي 15 يونٽ جي ڪارڪردگي عوامي شڪايتن جو ازالو ريسپانس ٽائم ۽ سروس ڊليوري ۾ بريفنگ ڏني ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي مددگار 15 جي ڪارڪردگي کي ڪارگر بڻائڻ عوامي سهولتن کي بهتر بڻائڻ ۽ شڪايتن جي بروقت ازالي لاءِ هدايتون جاري ڪيون پوليس چيف ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ شهرين کي فوري ۽ معياري خدمتن جيي فراهمي ڪراچي پوليس جي پهرين ترجيح آهي ۽ جديد گهرجن سان سلهاڙيو وڃي پوليس چيف ملاپ يونٽ جي ڪارڪردگي کي بہ سارهايو ۽ ان جي خدمتن کي ساراهہ جوڳو قرار ڏنو

بقايا * 07**

ليس موجب، فوت ٿيل جي سڃاڻپ 30 سالن جي محبت ڪندراڻي جي نالي سان ٿي آهي، جڏهن تہ زخمين ۾ حبيب الله، اعظم علي ۽ نانا ڪندراڻي شامل آهن زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. زخمين مان هڪ جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي ۽ ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ لاڙڪاڻي ريفر ڪيو ويو آهي.

بقايا * 08**

۾ ڪرپشن بابت وڌيڪ انڪشاف ڪيا آهن. اينٽي ڪرپشن عملدارن موجب نوابشاهہ تعليمي بورڊ ۾ 90 هزار شاگردن جا نتيجا تبديل ڪيا ويا، جڏهن تہ حيدرآباد بورڊ ۾ بہ وڏي پيماني تي نتيجن ۾ هيراڦيري ڪئي وئي. اينٽي ڪرپشن عملدارن جو چوڻ آهي تہ سکر ۽ لاڙڪاڻي بورڊ ۾ وڏي پيماني تي پئسا وٺي شاگردن جا نتيجا تبديل ڪيا ويا، جڏهن تہ ڪراچي تعليمي بورڊ ۾ بہ وڏي پيماني تي نتيجا تبديل ڪيا ويا. آفيسرن موجب، ڪرپشن تي سيني تعليمي بورڊن جي چيئرمينن ۽ ڪنٽرولرز کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن، ۽ تعليمي بورڊن جي آفيسرن کي 30 اپريل تي طلب ڪيو ويو آهي

بقايا * 09**

جي خلاف اپيل جي ٻڌڻي وڪيل جي درخواست تي 25 مئي تائين ملتوي استغاثا پيپر بوڪ جي ڪاپي پيش نہ ڪري سگهيو مرحوم شاهد حيات جي وڪيل فيصل صديقي موقف ڏنو تہ پيپر بوڪ جي صاف ۽ چٽي ڪاپي فراهم ڪئي وڃي آهي معمون شيرواني موقف ڏنو تہ اسان کي اڃا تائين پيپر بوڪ ي صاف ۽ واضع ڪاپي ناهي ملي وڪيل موقف ڏنو تہ ڪيترن ئي وڪيلن کي ڪاپي ملي چڪي آهي جسٽس محمد اقبال رماڪس ڏنا تہ وڪيل رابطو ڪندا تہ ڪاپي ملندي اسان گذريل سال ڊسمبر ۾ ڪاپي فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو بہ رڪني اپيليٽ بينچ رپورٽ گهري ورتي وڪيل چيو تہ شاهد حيات شبير احمد قائم خاني آغا محمد جميل ، مسعود شريف جو لاڏائو ٿي چڪو آهي عدالت وڪيلن جي اپيل تي اپيل جي ٻڌني 25 مئي 2026 تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا * 10**

ولگو جڏهن پيپلز پارٽي جي دٻاءُ سبب

بقايا * 11**

مارجي ويا، مقابلي مقابلا ڊفينس، اقبال ٽائون ۽ چوٻنگ وارن علائقن ۾ ٿيا. انهي کان علاوه شيخوپوره ۾ بہ سي سي ڊي ۽ اشتهاري ڌوهارين جي وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 3 ڌوهاري مارجي ويا جڏهن تہ ساهيوال ۾ بہ سي سي ڊي سان مبينہ مقابلي ۾ 2 ڌوهاري مارجي ويا

بقايا * 12**

تي ۽ انور جو لاش پهرين منزل تي مليو ملزم متاثرين جو پاڙيسري آهي، جيڪو ڪم لاءِ گهر ويو هو پچا ڳاڇا دوران، ملزم اعتراف ڪيو تہ ڪم ڪان پوءِ، هن متاثرين کي انهن جي چانهہ ۾ هڪ دوا ڏني، جنهن ڪري اهي ٻئي ننڊ ۾ هئا. هن پهريان انور کي راڊ سان ماريو ۽ پوءِ گهر ڪان ٻاهر نڪرڻ لڳو، جڏهن عورت ڏاڪڻين تي آئي تہ ڪيس دروازي تائين پهچائي. ملزم چيو تہ نشي جي ڪري، عورت ڏاڪڻين تان ڪري پئي ۽ سندس ريڙهہ ۽ ڪُهني جون هڏيون ٽٽي ويون. پهريان، هن عورت جي لاش کي ويڙهيو ۽ پوءِ مٽي چڙهي ويو ۽ انور کي پٿر سان قتل ڪيو

بقايا * 13**

هاءِ ڪورٽ جج افضل مجوڪا کي ٽرائل جاري رکڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو چيف جسٽس سرفراز ڊوگر قتل ڪيس جي جوابدار عمر حيات جي ڪيس منتقلي جي درخواست تي فيصلو ٻڌايو جوابدار عمر حيات ٽرائل جج تي بي اعتمادي جو اظهار ڪندي ڪيس منتقل ڪرڻ جي درخواست ڪئي.

بقايا * 14**

رڏانهن منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي حڪومت ملڪ ۾ بجلي جي وڌندڙ کوٽ تي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ گيس جي سپلاءِ بجلي واري شعبي (پاور سيڪٽر) ڏانهن منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي انهي مقصد جي لاءِ سي اين جي سيڪٽر کي فراهم ٿيندڙ 48 ايم ايم سي ايف ڊي گيس معطل ڪئي وئي آهي، جنهن کان پوءِ پاور سيڪٽر جي لاءِ گيس جي ڪوٽہ 108 ايم ايم سي ايف ڊي مان وڌائي 150 ايم اين سي ايف ڊي ڪيو ويو آهي انهي اضافي جي باوجود پاور سيڪٽر کي لاڳيتو گيس جي کوٽ جي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، گيس لوڊ مينيجمينٽ پلان جي تحت گهريلو صارفين کي ماني پچائڻ جي دوران گيس جي فراهمي ۾ اوليت ملندي.

بقايا * 15**

ي جهاز کي روڪيو بيان موجب هن جهاز تي شڪ هو تہ هو آمريڪي ناڪابندي جي ڀڃڪڙي ڪندي ايران ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي سينٽڪام ٻڌايو تہ تلاشي وٺڻ ۽ هي تصديق ٿيڻ ڪان پوءِ تہ جهاز ڪنهن ايراني بندگاهہ ڏانهن نہ پيو وڃي ان کي ڇڏيو ويو بيان ۾ چيو ويو تہ آمريڪي فوج وچ اوڀر ۾ ناڪابندي لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪارروايون ڪري رهي آهي هن وقت تائين ايران وڃڻ يا ايراني بندگاهہ کان ايندڙ 29 جهازن جو رخ موڙيو ويو آهي جيئن پابندين تي عمل ٿي سگهي

بقايا * 16**

ڪرڻ ۽ ڏاڙيل راڄ ختم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ثابت ٿي آهي. سکر ۾ ڏينهن ڏني پيٽرول پمپ مالڪ کان لُٽڻ ريپا ڦر مزاحمت ڪرڻ تي قتل ٿئي پاسي معصوم چوڪري اُجالا سولنگي جي 20 ڏينهن کان گمشدگي جي باوجود، ڪيس بازياب نہ ڪرائڻ حڪومت جي ناڪامي آهي. سنڌ ۾ روزانو نياڻين کي قتل، معصوم چوڪرين جي اغوا ۽ ڦرلٽ جون خبرون ميڊيا جي زينت بڻيل آهن. ڪنهن جي بہ جان ۽ مال محفوظ ناهي. نل مان فضيلہ سرڪي ۽ سڪر مان پريا ڪمار جي گم ٿيڻ کي ڪيترائي سال گذري ويا آهن، پر حڪومت اڃا تائين ڪيس بازياب نہ ڪرائي سگهي آهي. آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو جي اها دعويٰ تہ سنڌ ۾ ڏاڙيل راڄ ختم ۽ امن قائم ٿي چڪو آهي، هڪ مذاق ۽ ڪوڙ آهي. صاحب صرف پنهنجي ڳوٺ ۾ امن امان بابت معلومات وٺي تہ امن امان جي خبر پيجي ويندس. حڪومت عوام جي جان توڙي مال جي حفاظت ۽ امن امان جي بحالي لاءِ اثرائتا اپاءَ ڪئي. اهڙن خيالن جو اظهار هن جماعت اسلامي لاڙڪاڻي جي تحت بدلايو نظام کي ميمبرشپ مهم جي سلسلي ۾ عهديدارن جي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي قائم مقام ضلعي امير قاري ابو زبير جکرو ۽ مقامي امير رميز راڄا شيخ پڻ خطاب ڪيو سنڌ جي امير وڌيڪ چيو تہ مهانگائي، بدامني ۽ ظالماڻن سرڪاري ٽيڪسن ماڻهن جي زندگين کي اذيتناڪ بڻائي ڇڏيو آهي. جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي، سنڌ ۾ پهرين مئي تي عوام دشمن سولر پاليسي ۽ پيٽرول ۽ بجلي جي قيمتن ۾ واڌ خلاف ڏنل ملڪ گير احتجاج جي سڏ تي سموري سنڌ ۾ پڻ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا. هن عهديدارن تي زور ڏنو تہ اهي جماعت اسلامي جي جاري ميمبرشپ مهم ۾ ڀرپور حصو وٺن ۽ گهٽين، دڪانن ۽ ڳوٺن سميت زندگي جي هر شعبي جي ماڻهن تائين پهچن ۽ انهن کي جماعت اسلامي جو ميمبر بڻائي عملي جدوجهد ۾ شامل ڪن صوبائي امير روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيندڙ مقامي ڪارڪن ۽ الخدمت فائونڊيشن جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري امان الله سيال جي گهر پهچي ڪري عيادت ۽ سندس جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي

بقايا * 17**

۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽن جي مڪمل ڊجيٽلائيزيشن لاءِ 30 جون 2026 آخري تاريخ مقرر ڪئي آهي. ان حوالي سان، سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي سنڌ سيني لاڳاپيل ادارن کي باضابطہ هدايتون جاري ڪيون آهن. روٽ پرمٽن ۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽن جي مڪمل ڊجيٽلائيزيشن لاءِ 30 جون 2026 آخري تاريخ مقرر ڪئي آهي. دستاويزن جي تصديق کي آسان ۽ محفوظ بڻائڻ لاءِ ٽرانسپورٽ ريگيوليٽري سسٽم کي مڪمل طور تي خودڪار ۽ ڊجيٽل بڻايو پيو وڃي. هڪ بيان ۾، هن چيو تہ صوبي جي ڪمرشل گاڏين جي سيني روٽ پرمٽن ۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽن کي ڊجيٽل سسٽم ۾ منتقل ڪيو پيو وڃي، هر گاڏي مالڪ ۽ ٽرانسپورٽر کي تصديق ٿيل ۽ آن لائن دستياب دستاويز فراهم ڪيا ويندا. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ اختيارين کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ اهي پنهنجي پنهنجي دائري اختيار ۾ هن عمل کي فوري طور تي مڪمل ڪن سيني ٽرانسپورٽرن کي وقت تي اطلاع ڏنو وڃي تہ جيئن اهي رجسٽريشن جو عمل شروع ڪري سگهن. هن چيو تہ فيلڊ آفيسن کي روزانو 1000 داخلا مڪمل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، نون حڪمن جي تحت، 30 جون 2026 کان پوءِ سيني مينوئل روٽ پرمٽ ۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽ غير فعال سمجهيا ويندا، مقرر تاريخ کان پوءِ صرف ڊجيٽل دستاويز قابل قبول هوندا، خلاف ورزي ڪندڙ گاڏين خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي سنڌ حڪومت ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال کي فروغ ڏئي رهي آهي، ڊجيٽلائيزيشن شهرين ۽ ٽرانسپورٽرن لاءِ سهولت پڻ پيدا ڪندي، ۽ جعلسازي جي حوصلا شڪني ڪندي.

بقايا * 18**

ي مثال طور ان جي طاقت بادشاهہ چارلس ٽئين پنهنجا لفظ وڏي درستگي سان چونڊيندو آهي، بلڪل جيئن سندس مرحوم ماءُ راڻي ايلزبيٿ ٻئي ڪندي هئي شاهي ڳالهين جو مطلب گهڻو ڪري اشارن مان سمجهڻو پوندو آهي پر شاهي معيارن موجب، اڳاري ڏينهن ڪانگريس جي گڏيل اجلاس کي سندس تقرير حيرت انگيز حد تائين سڌي هئي چارلس نہ تہ ٽرمپ انتظاميا کي سڌو سنئون تنقيد جو نشانو بڻايو ۽ نہ ئي ملامت ڪئي، پر هن اڻ سڌي طرح آمريڪا جي موجوده سياسي رخ تي ناگواري ظاهر ڪئي ۽ مغربي جمهوريت جي بنيادي ستونن، اندروني چيڪ اينڊ بيلنس، اتحاد ۽ بين المذاهب رواداري جو دفاع ڪيو

بقايا * 19**

ع ٿيون. ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڳالهيون 21 ڪلاڪن تائين جاري رهيون. انهن خطي ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ مخلصانہ ڪوششون ڪيون. هن وڌيڪ چيو تہ هن صورتحال ۾ عالمي منڊي ۾ تيل جون قيمتون وڌيون. عالمي منڊي ۾ تيل جي وڌندڙ قيمتن جو معيشت کي مستحڪم ڪرڻ جي ڪوشش تي اثر پيو آهي. جنگ کان اڳ پاڪستان جو هڪ هفتي جو بل 300 ملين ڊالر هو، جيڪو هاڻي 800 ملين ڊالر تائين پهچي چڪو آهي. سندس چوڻ آهي تہ امن عمل ۾ گهرو وزير محسن نقوي جون ڪوششون بہ ساراهہ جوڳيون آهن. ايراني پرڏيهي وزير عمان ۽ روس جو بہ دورو ڪيو ايراني پرڏيهي وزير چيو تہ هو پنهنجي قيادت سان تفصيلي صلاح مشوري کان پوءِ جواب ڏيندو. ان کان اڳ وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ملڪ جي مجموعي معاشي ۽ سياسي صورتحال جو جائزو ورتو ويو ملاقات ۾ وچ اوپر جي تڪرار کي ختم ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي جاري سفارتي ڪوششن تي پڻ بحث ڪيو ويو.

بقايا * 20**

يمتن ۾ بہ نمايان اضافي جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. ورلڊ بينڪ جي تازي رپورٽ موجب 2026 جي دوران توانائي جون قيمتون 24 سيڪڙو تائين وڌي سگهن ٿيون. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ جيڪڏهن خطي ۾ چڪتاڻ مئي تائين بہ گهٽ ٿي وڃي تڏهن بہ قيمتن ۾ اضافو برقرار رهڻ جو امڪان آهي. جيڪڏهن چڪتاڻ ۾ وڌيڪ شدت آئي ۽ سپلائي متاثر ٿي تہ توانائي وڌيڪ مهانگي ٿي سگهي ٿي. عالمي بينڪ موجب تيل، گيس جي نڪاڻ تي حملن ۽ آبنائي هرمز ۾ بحري جهازن ۾ رڪاوٽون چين جي سپلاءِ کي بہ متاثر ڪيو آهي جنهن جا اثر عالمي منڊي ۾ نمايان ٿي رهيا آهن. رپورٽ موجب 2026 ۾ ٻارڻ جي تيل جي قيمت 86 ڊالر في بيرل تائين پهچڻ جو امڪان آهي جڏهن تہ 2025 ۾ اها قيمت 69 ڊالر في بيرل رهي هئي، ماهرين خبردار ڪيو آهي تہ جيڪڏهن توانائي نڪاڻن کي وڌيڪ نقصان پهتو يا واپاري رستا مڪمل طور تي بحال نہ ٿي سگهيا تہ قيمتون انهي کان بہ وڌيڪ وڌي سگهن ٿيون. رپورٽ ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ آبنائي هرمز جي ذريعي تيل سان ڀريل جهازن جي آمد رفت بهتر ٿي سگهي ٿي ۽ آڪٽوبر تائين جنگ کان پهريان جي سطح تي پهچڻ جي اميد آهي پر انهي جو دارومدار خطي ۾ امن، استحڪام تي هوندو.

بقايا * 21**

ن ۾ نمايان بهتري آئي آهي. ايئرپورٽ ذريعن موجب اڏامن جي بحالي 40 کان 50 سيڪڙو تائين مڪمل ٿي چڪي آهي. قطر، ڪويت، متحده عرب امارات ۽ سعودي عرب ڏانهن ايندڙ ويندڙ اڏامن جي تعداد ۾ اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي. علامہ اقبال انٽرنيشنل ايئرپورٽ کان دبئي، ابو ظهبي، شارجہ، بحرين، ڪويت، قطر ۽ سعودي عرب جي لاءِ 23 اڏامون روانيون ٿيون. گذريل رات تيز طوفاني برسات سبب اندرون ۽ بيرون ملڪن ڏانهن ويندڙ 17 اڏامون دير جو شڪار ٿيون پر بعد ۾ انهن کي بہ روانو ڪيو ويو ايئرپورٽ ذريعن موجب جيڪڏهن ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ چڪتاڻ ۾ وڌيڪ اضافو نہ ٿيو تہ ايندڙ ڏينهن ۾ اڏامن جي آمد رفت ۾ وڌيڪ بهتري جو امڪان آهي.

بقايا * 22**

ي کان پوءِ نارن وارن ملڪن لاءِ فضائي آپريشن ۾ بهتري ٿي آهي ايئرپورٽ اختيارن موجب اڏامن جي بحالي 50 سيڪرو تائين ٿي چڪي آهي قطر ، ڪويت ۽ گڏيل عرب امارات ۽ سعودي ويندڙ ايندڙ اڏامن جي انگ ۾ واڌ ڪئي وئي آهي علامہ اقبال انٽرنيشنل ايئرپورٽ کان ابوظهبي دبئي ، ڪويت ۽ سعودي لاءِ 23 اڏامون روانيون ٿيون گذريل رات تيز هوا ۽ برسات سبب ملڪ ۾ اندر ۽ ٻاهر 17 اڏامون دير جو شڪار ٿيون ان کان پوءِ انهن کي روانو ڪيو ويو جيڪڏهن ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ چڪتاڻ ۾ اضافو نہ ٿيو تہ ايندڙ ڏينهن ۾ اڏامن جي اچ وڃ بهتر ٿيڻ جو امڪان آهي

بقايا * 23**

دوران بہ انتهائي خطرناڪ ۽ گهربل ڌوهاري مارڻ جي دعوي ڪئي آهي پوليس موجب ڪارروائي ايس ايس پي ڪشمور محمد مراد گهانگهرو جي اڳواڻي ۾ ڪئي وئي، جڏهن تہ ون فائيو انچارج طارق عباس سولنگي پڻ آپريشن ۾ شامل هو پوليس ترجمان مطابق اطلاع ملڻ تي پوليس ٽيم موقعي تي پهتي تہ ڌاڙيلن پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ شروع ڪري ڏني، جنهن بعد ٻنهي ڌرين وچ ۾ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ تي جوابي فائرنگ دوران خطرناڪ ڌوهاري فريد ميراڻي پنهنجي ساٿي پورو ميراڻي سميت موقعي تي مارجي ويا ايس ايس پي محمد مراد گانگهرو موجب مارجي ويل ڌوهاري سنگين ڏوهن قتل، اغوا براءِ تاوان، پوليس اهلڪارن تي حملا معصوم ٻارن جي اغوا ۽ انڊس هاءِ وي تي ڦرلٽ سميت ڪيترين وارداتن ۾ ملوث هئا، جڏهن تہ ضلعي ڪشمور، گهوٽڪي توڙي رحيم يار خان ضلعن سميت مختلف علائقن ۾ ڌوهاري سرگرمين رهيا هن وڌيڪ ٻڌايو تہ فريد ميراڻي جي مٿان سنڌ حڪومت طرفان هڪ ڪروڙ رپين انعام جي سفارش پڻ ٿيل هئي پوليس مارجي ويل ڌوهارين جا لاش تحويل ۾ وٺي تعلقہ اسپتال ڪشمور منتقل ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن تہ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي ٻئي طرف ڪشمور ۾ پوليس جي هن ڪامياب ڪارروائي تي سياسي، سماجي تنظيمن ۽ سول سوسائٽي پاران ايس ايس پي ڪشمور محمد مراد گانگهرو ۽ ون فائيو انچارج طارق عباس سولنگي کي ساراهيو ويو آهي ۽ امن امان جي بحالي لاءِ سندن قدمن کي واکاڻيو ويو آهي

بقايا * 24**

هڪ شخص کي بنا حج پرمٽ مڪي ۾ رهڻ تي تحويل ۾ ورتو ويو جڏهن تہ 5 ماڻهن کي مبينہ طور بنا اجازت حاجين جي مدد ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي سعودي ۾ حج کان اڳ سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي آهي موجوده قانونن تحت رڳو حج ويزا رکندڙ ماڻهن کي مڪي ۾ داخل ۽ ترسڻ جي اجازت آهي 18 اپريل کان پوءِ وزٽ يا ٻين عارضي ويزائن تي موجود ماڻهن کي پڪڙي ۾ شامل ڪيو پيو وڃي سعودي گهرو وزارت موجب پڪڙجڻ تي 20 هزار ڪان هڪ لک ريال تائين ڏنڊ ڪري سگهجي ٿو اختيارن هن کان اڳ عمري جي ويزا رکندڙن کي 18 اپريل تائين ملڪ ڇڏڻ جي هدايت ڪئي هئي ٻئي صورت ۾ 50 هزار ريال ڏنڊ 6 مهينہ قيد ۽ ملڪ مان نيڪالي جي سزا ڏئي سگهجي ٿي

بقايا * 25**

م الرحمان جو چوڻ آهي تہ آمريڪا جي دشمني ۽ دوستي ٻئي غلط آهن. لاهور جي منصوره ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي هن چيو تہ ماڻهو آمريڪا جي اثر هيٺان نڪرڻ شروع ٿي ويا آهن، ۽ آمريڪي غلامي جي چادر لاهڻ جي ضرورت آهي. حافظ نعيم الرحمان جو چوڻ آهي تہ اسان ان سان گڏ آهيون جيڪو پاڪستان جي مفاد ۾ ڪم ڪري ٿو پاڪستان کي هن وقت ايماندار قيادت جي ضرورت آهي

بقايا * 26**

س روڊ ٽائون جو انچار عرفان الله خان ٽائون ميمبر افضال قريشي ۽ عمران چشتي بہ شامل هئا وفد ريجنل هيڊ فيصل خان ۽ آءِ بي سي اي جي ايم عبدالقدوس سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ جامع ڪلاڪ اڪبر روڊ سٽي ريلوي ڪالوني ۽ ٻين علائقن ۾ ڏگهي لوڊ شيڊنگ جي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وفد موقف ڏنو تہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ لوڊ شيڊنگ سبب شهري تڪليف ۽ عذاب کي منهن ڏئي رهيا آهن ڪاروبار متاثر ٿي رهيو آهي گهريلو صارفين کي بہ ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن ان موقعي تي کي اليڪٽرڪ جي انتظاميا وفد کي خاطري ڪرائي تہ لوڊ شيڊنگ جو وقت ختم ڪرڻ ۽ اڻ اعلانيل بندش جو خاتمو وڌيڪ بلن جي شڪايت تي قدم کنيا پيا وڃن زاهد منصوري ۽ عرفان الله خان خاطري تي کي اليڪٽرڪ وارن جو شڪريو ادا ڪندي چيو تہ عوامي مسئلا حل ڪرڻ تي ادارن ۽ عوامي نمائندن جي وچ ۾ بهتر رابطو اٿتر آهي

بقايا * 27**

۽ گهر پاڻي ۾ لڙهي ويا اجڏهن تہ رستي ۾ ايندڙ ڪيترين ئي گاڏين ۽ موٽر سائيڪلون بہ لڙهي ويون. ٻئي طرف لاهور سميت پنجاب جي مختلف علائقن ۾ بہ اڄ صبح جي وقت برسات پئي جنهن سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا. موسميات کاتي موجب صوبي جي مختلف ضلعن ۾ م، مانسهره، ايبٽ آباد، خيبر، مهمند، ڪرم، اورڪزئي ۽ وزيرستان جي ضلعن ۾ موسم جهڙالو رهڻ کان علاوه تيز هوائن ۽ ڪنوڻ سان برسات پئجي سگهي ٿي. صوبي جي ڪيترن ئي ضلعن ۾ گذريل 24 ڪلاڪن جي دوران موسم جهڙالو رهيو پشاور، نوشهره، مردان، ڪوهاٽ، چترال، سوات، زيرين دير، مهمند ۽ ڪوهستان جي ضلعن ۾ بہ ڪجهہ هنڌن تي تيز هوائون ۽ ڪنوڻ سان برسات پئي. انهي دوران صوبي جي ميداني علائقن ۾ تيز هوائون بہ هليون، پشاور ۾ وڌ کان وڌ هوا جي رفتار 37 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ رڪارڊ ٿي. گذريل 24 ڪلاڪن جي دوران گذريل ڏينهن چرات، 18، ڪالام 11، چترال 9، پشاور (سٽي 04، اي/ پي 01)، مهمند ڊيم 4، تخت ڀائي 3، ميرکهني، دروش ۽ پتن ۾ 2، تيمر گره ۾ 1 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ڪئي وئي.

بقايا * 28**

يڪريٽري اطلاعات مجاهد چنا ڪراچي جي سينئر صحافي قاضي اعجاز احمد جي ڀاڄائي ۽ قاضي زين العابدين جي امڙ جي وفات تي دلي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ سموري خاندان لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي آهي. هوڏانهن مجاهد چنا ڏوڪري تڏي تي موجود صحافي قاضي اعجاز احمد کي فون ڪري ڏک ۽ همدردي جو اظهار ڪيو

بقايا * 29**

ڪيو مظاهري جي اڳواڻي ممتاز پنهور ڪئي مظاهرين وزيراعلي هائوس وڃڻ جي ڪوشش ڪئي پوليس ريڊ زون ۾ رڪاوٽون وجهي شارع کي بند ڪري ڇڏيو ۽ مظاهرين کي وزيراعلي هائوس وڃڻ کان روڪي ڇڏيو ان موقعي تي پوليس جي ڳري نفري مقرر ڪئي وئي مظاهرين رنڊڪن جي ويجهو پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو پوليس آفيسرن مظاهرو ڪندڙن سان ڳالهيون ڪيون ۽ اعلي حڪومتي آفيسرن تائين ڳالهيون پهچائڻ جي خاطري ڪرائي مظاهرين جو چوڻ هو تہ ملازمن کي ريگولر ڪيو وڃي اسان جون ڳالهيون حڪومتي نمائندن سان ڳالهيون ڪرايون وڃن نہ تہ اسان وزيراعلي هائوس يا سنڌ سيڪريٽريٽ جي طرف مارچ ڪنداسين

بقايا عوامي سوچ 01

مهمان طور خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي چيو ته پوري دنيا ۾ هر سال ٽڪن هڻڻ جو هفتو ملهايو وڃي ٿو جنهن جو مقصد ٻارن، ڳورهاڙين عورتن سميت نياڻين کي مختلف بيمارين کان بچائڻ آهي،هن چيو ته عورتن ۾ سروائيڪل ڪينسر (ٻچيداني جو ڪينسر) ٿيڻ جا وڏا امڪان هجن ٿا جنهن کان بچڻ جو واحد حل انهن کي ننڍي ڄمار(9 سالن جي عمر) ۾ ٽي بچاءَ جا ٽڪا لڳرائڻ آهي،هن والدين ۽ شاگرداڻين جي استادن کي اپيل ڪئي ته اهي اسان جي نياڻين کي انهي مرض کان بچائڻ لاءِ صحت کاتي ۽ ضلعي انتظاميه سان ڀرپور سهڪار ڪن ته جيئڻ انهن جو مستقبل محفوظ بنائي سگهجي،هن چيو ته گهر ۾ ڪو به ٻار جيڪڏهن بيمار هوندو ته سمورو ڪٽنب پريشان ٿيندو ان لاءِ ضروري آهي ته بيماري کان اڳ ان جو بچاءَ ڪجي، هن ٽيم ورڪ واري قدمن کي ساراهيندي چيو ته جيڪڏهن سمورا گڏجي هڪڙي پليٽ فارم تي ڪم ڪن ته سمورا مسئلا حل ٿي سگهن ٿا،هن انسداد پوليو مهمن ۾ ڀرپور ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙن جي ساراهه ڪئي،ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٿرپارڪر ڊاڪٽر ليکراج سارنگاڻي آڇياٽو پيش ڪندي عالمي هفتي جي افاديت تي روشني وڌي. هن ڳالهائيندي وڌيڪ چيو ته صحت کاتي پاران انسداد پوليو مهم ڪان علاوه هر سال اپريل جي مهيني ۾ 24 اپريل کان 30 اپريل تائين هڪ هفتو ملهايو ويندو آهي جنهن دوران نه صرف ٻارن کي پر ڳورهاڙين عورتن کي 13 مختلف بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳايا ويندا آهن ،ان موقعي تي ڳالهائيندي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ۽ انسداد پوليو مهم جي صحت کاتي جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر پرت ڪمار سوني ٿرپارڪر ۾ ٽڪن هڻڻ جي هفتي جي حوالي سان ڳالهائيندي چيو ته اسان کي مختلف غير سرڪاري تنظيمن جو گڏيل سهڪار حاصل آهي جن جي گڏيل ڪوشش سان اميد آهي ته اسان پنهنجو مقرر ڪيل حدف حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين.هن چيو ته حفاظتي ٽڪا ٻارن کي 13 مختلف خطرناڪ بيمارين کان بچائڻ جو مفت ۽ سڀ کان اثرائتو طريقو آهي. هن چيو ته اهي بيماريون اوچتو ظاهر ٿي ڪڏهن معذوري ته ڪڏهن ڪڏهن موت جو ڪارڻ به بڻجي سگهن ٿيون. پر حفاظتي ٽڪن ذريعي اهڙين بيمارين کي مڪمل طور روڪي سگهجي ٿو بعد ۾ نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا.

بقايا عوامي سوچ 02

۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ مختلف سماجي مسئلن خلاف سخت نعريبازي ڪندي اڳواڻن محمد جمن سنڌي، ضلعي صدر اشرف ٿهيم، ڪريم پليجو، منظور مگسي، سهيل ابڙو، ممتاز لغاري، شهمير سنڌي، دادا سنڌي، پرويز گل سنڌي، شريف ڪلمتي ۽ قربان علي ميربحر ۽ ٻين پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سجاول ضلعي ۾ منشيات جي وڌندڙ وڪري سبب نوجوان نسل تباهي طرف وڃي رهيو آهي، جڏهن ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارا خاموش ۽ تماشائي بڻيل آهن. اڳواڻن الزام لڳايو ته منشيات جهڙوڪ آئس، هيروئن ۽ ٻين نشي آور شين جو کليل وڪرو ٿي رهيو آهي، جنهن کي فوري طور روڪڻ جي ضرورت آهي. ان موقعي تي اين جي اوز ۾ غير مقامي ماڻهن جي ڀرتي تي به سخت احتجاج ڪيو ويو ۽ مطالبو ڪيو ويو ته مقامي نوجوانن کي ميرٽ جي بنياد تي گريڊ 1 کان 4 تائين نوڪريون ڏنيون وڃن. اڳواڻن چيو ته مقامي ماڻهن کي نظرانداز ڪرڻ ناانصافي آهي، جنهن سان بيچيني وڌي رهي آهي. مظاهرين اڳواڻن چيو ته سول اسپتال سجاول ۾ سهولتن کان محروم بڻيل آهي مريضن جو بنيادي علاج به مهيا نه ٿي سگهي ٿو، جيڪو حڪومت جي نااهلي جو ثبوت آهي

بقايا عوامي سوچ 03

وڃ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئي رهيو هو هن اهم مسئلي کي نظر ۾ رکندي گمس اسپتال گمبٽ جي ڊائريڪٽر ڪيپٽن ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي پاڻ نوٽيس وٺندي ذاتي دلچسپي ظاهر ڪئي ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت روڊ جي تعمير جو ڪم شروع ڪرائي ڇڏيو جيڪو هاڻي تيزي سان جاري آهي ياد رهي ته اهڙي قسم جا ترقياتي ڪم اصل ۾ چونڊيل نمائندن ۽ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري هوندا آهن پر افسوس جو هن مسئلي تي ڪو به سنجيده قدم نه کنيو ويو اهڙي صورتحال ۾ ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي جو اڳتي وڌي عملي قدم کڻڻ نه رڳو قابلِ تحسين آهي پر عوامي خدمت جو هڪ بهترين مثال پڻ آهي شهرين ڊائريڪٽر گمس جي هن قدم کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته ٻين ادارن جا ذميوار به اهڙي جذبي سان اڳتي وڌندا ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا

بقايا عوامي سوچ 04

سنگهه سيسوڏيا, اڳوٽو چيئرمين پرديپ مهراج, صحافين ننڊلال لوهاڻو, علي گل رند, جي آر جوٽيجو, محمدرحيم مگريو ۽ منورعلي مگريو سڪيلڊو حجام, هٺو سنگهه ٺڪر, ڪينئراج جاڙيجو, چندن سنگهه ٺڪر, پانچراج جاڳو, ڪينئراج ٺڪر, نارائڻ سنگهه سميت وڏي تعداد ۾ مختلف برادرين جي معززين ٻين برادرين پڻ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 05

بيمارين ۾ وڪوڙي جي ويا. شڪايتن جي باوجود ڪنهن نوٽيس ناهي ورتو ڳوٺاڻا اعجاز خاصخيلي. ۽ عظيم خاصخيلي. تفصيل موجب اوڊيرولال لڳ ڳوٺ چنيسر خاصخيلي جو آروپلانٽ گذريل 2 سالن کان ناڪاره ڳوٺاڻن جو ڊپٽي ڪمشنر مٽياري ۽ پبلڪ هيلٿ کاتي مٽياري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي اعجاز خاصخيلي عظيم خاصخيلي. قادر خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته ڳوٺ ۾ ڪروڙين رپين جي لاڳت سان آروپلانٽ ٺهيل آهي پر پبلڪ هيلٿ کاتي مٽياري ۽ ڊپٽي ڪمشنر مٽياري جي نااهلي سبب بند پيل آهي ۽ اسان ڳوٺاڻا جر جو خراب پاڻي واپرائڻ تي مجبور آهيون جنهن سبب اسان جا معصوم ٻار گيسٽرو خارش ڪاري سائي جهڙن موذي مرضن ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن جنهن جو وزير اعلا سنڌ. ڪمشنر حيدرآباد ۽ مٽياري ضلعي جا چونڊيل نمائندا فوري نوٽيس وٺي ڳوٺ ۾ لڳل آرو پلانٽ چالو ڪرائي اسان کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي مهيا ڪن نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 06

آهي ته اسپتال جي احاطي اندر غير مجاز طور مختلف ريڙهين وارا، جهڙوڪ ميوا، پڪوڙا، سموسا ۽ بسڪيٽ وغيره وڪرو ڪري رهيا آهن جنهن سبب مريضن جي آمدرفت ۽ علاج جي عمل ۾ رڪاوٽ پيدا ٿي رهي آهي ۽ اسپتال جي صفائي سترائي به متاثر ٿي رهي آهي. اسپتال انتظاميه موجب اهڙيون غيرقانوني سرگرميون نه صرف صحت لاءِ خطري جو سبب آهن پر اسپتال جي مجموعي ماحول کي به غير محفوظ بڻائي رهيون آهن بار بار هدايتن باوجود ڪجهه ريڙهين وارا احاطي اندر پنهنجون سرگرميون جاري رکندا پيا اچن جنهن سبب انتظامي مشڪلاتون وڌي رهيون آهن. خط ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر گهوڙاٻاري، ايس ايڇ او گهوڙاٻاري ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن کي اپيل ڪئي وئي آهي ته فوري ڪارروائي ڪري اسپتال جي احاطي مان غيرقانوني ريڙهين کي هٽايو وڃي ۽ مستقبل ۾ اهڙي قبضي کي روڪڻ لاءِ سخت قدم کنيا وڃن ته جيئن اسپتال ۾ صاف محفوظ ۽ منظم ماحول برقرار رهي سگهي.!

بقايا عوامي سوچ 07

ڪري ٽئڪسي نيشنل پريس ڪلب جوهي اڳيان ڌرڻو هنيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ الزام هنيو آهي ته اسان جا سئوٽ پيئڻ جي پاڻي واري سرڪاري ٽانڪي تي قبضو ڪري زمين آباد ڪرائڻ ٿا ۽ اسان جي ابن ڏاڏن جي زمين تي قبضي جي ڪوشش پيا ڪن منع ڪرڻ تان اسان مردن جي غير موجودگي ۾ درجن کان وڌيڪ ڏنڊا بردار ماڻهون گهرن ۾ گهڙي عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد ڪيو اهڙي تشدد جي عمل خلاف واهي پانڌي ٿاڻي تي وياسين ته اسان جي خالي پني تي اين سي داخل ڪئي ۽ حملي آور با اثرن کان ڳري روشوت وٺي گرفتار ڪرڻ بجاءِ انهن کي تحفظ فراهم ڪري رهي آهي هنن چيو ته حملي آور جوابدار ڳوٺ مان لڏائڻ لاءِ وڌيڪ نقصان پهچائڻ لاءِ ڌمڪائي رهيا آهن آخر ۾ هنن سيشن جج دادو ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو آهي ته تشدد ڪندڙن حملي آورن کي گرفتار ڪري اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 08

ڪرپشن اسڪينڊل هاڻي سڄي صوبي تائين ڦهلجڻ جا انڪشاف سامهون آيا آهن. گرفتار مرڪزي ملزم ۽ اڳوٽو ڪنٽرولر تعليمي بورڊ ميرپورخاص، انور عليم خانزاده، اينٽي ڪرپشن پوليس آڏو ڏنل بيان ۾ دعويٰ ڪئي آهي ته سنڌ جي مختلف تعليمي بورڊن جي انتظاميا گڏيل طور تي وزير ۽ سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊز کي لڳ ڀڳ 25 ڪروڙ رپيا رشوت طور ادا ڪيا. ذريعن موجب اينٽي ڪرپشن اختيارين الزام هيٺ آيل سيڪريٽري، ڊپٽي سيڪريٽري، مختلف بورڊن جي چيئرمينن، ڪنٽرولرن ۽ ٻين عملدارن کي نوٽيس جاري ڪري 30 اپريل تي طلب ڪري ورتو آهي. ملزم پنهنجي بيان ۾ چيو ته نوابشاهه تعليمي بورڊ ۾ اي_مارڪنگ سسٽم ذريعي 90 هزار شاگردن جا نتيجا چار پيرا تبديل ڪيا ويا، جنهن مان وڏو مالي فائدو حاصل ڪيو ويو. هن الزام لڳايو ته انهي عمل ۾ چيئرمين آصف ميمڻ، ڪنٽرولر پروفيسر فاروق شاهه ۽ اشفاق شيخ شامل هئا، جن مبينا طور 5 ڪروڙ رپيا اعليٰ اختيارين تائين پهچايا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته حيدرآباد بورڊ، جيڪو اضافي چارج طور زاهد علي چنڙ وٽ هو اتي به نتيجن ۾ تبديليون آڻي مبينا طور 4 ڪروڙ رپيا ڏنا ويا. ساڳي طرح سکر بورڊ ۾ به نتيجن جي مبينا ردوبدل جي عيوض 4 ڪروڙ رپين جي ادائيگي جو دعويٰ ڪيو ويو. لاڙڪاڻه بورڊ بابت هن چيو ته چيئرمين خالد حسين، ڪنٽرولر احمد خان چنو ۽ سيڪريٽري اشفاق علي شاهه طرفان نتيجن ۾ تبديلي جي عيوض 5 ڪروڙ رپيا ڏنا ويا. انور عليم خانزاده وڌيڪ الزام هنيو ته ڪراچي جي ميٽرڪ ۽ انٽر بورڊ سان لاڳاپيل ڪجهه عملدارن پڻ نتيجن ۾ ردوبدل جي عيوض لڳ ڀڳ 7 ڪروڙ رپيا ادا ڪيا. هن اهو به دعويٰ ڪيو ته ڪجهه پرتيون جعلي طريقي سان کيون ويون ۽ سڄي اسڪينڊل جو مقصد تعليمي بورڊن جي ساک کي نقصان پهچائي هڪ مرڪزي بورڊ قائم ڪرڻ جي راهه هموار ڪرڻ هو. ذريعن جو چوڻ آهي ته انهن انڪشافن کان پوءِ اينٽي ڪرپشن کاتي جاچ جو دائرو وڌائي ڇڏيو آهي ۽ وڌيڪ اهم شخصيتن خلاف ڪارروائي جو امڪان آ

بقايا عوامي سوچ 09

رتحال کي نظر ۾ رکندي هڪ خصوصي رليف ڪئمپ قائم ڪئي وئي آهي هن ڪئمپ جو مقصد سفر ڪندڙ مسافرن، محنت مزدوري ڪندڙ ماڻهن ۽ عام شهرين کي گرمي جي شدت کان بچاءُ فراهم ڪرڻ آهي ڪئمپ ۾ ايندڙ ويندڙ ماڻهن لاءِ ٿڌو صاف پاڻي، شربت ۽ ٻيون سهولتون مهيا ڪيون پيون وڃن، جتي رضاڪار پڻ موجود آهن جيڪي ماڻهن کي سهولت فراهم ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪين گرمي کان بچڻ بابت آگاهي پڻ ڏئي رهيا آهن هن قدمي سان نه رڳو ماڻهن کي فوري رليف ملي رهيو آهي پر انساني همدردي جو هڪ بهترين مثال پڻ قائم ٿي رهيو آهي مقامي ماڻهن پاران هن اقدام کي تمام گهڻو ساراهيو ويو آهي ۽ انهن چيو آهي ته اهڙيون سرگرميون موجوده گرمي جي لهر ۾ انتهائي ضروري آهن ٽائون ڪميٽي انتظاميه پڻ ان ڳالهه جو عزم ظاهر ڪيو آهي ته جيڪڏهن گرمي جي شدت برقرار رهي ته اهڙيون ڪئمپون وڌيڪ هنڌن تي پڻ قائم ڪيون وينديون ته جيئن وڌ کان وڌ ماڻهن کي فائدو پهچي سگهي واضح رهي ته سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ هن وقت گرمي جي شدت ۾ نمايان واڌ ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي، جنهن سبب عوام کي مختلف مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي اهڙي صورتحال ۾ سرڪاري ۽ مقامي ادارن پاران ڪنيل اهڙا قدم عوام لاءِ وڏي سهاري جو سبب بڻجي رهيا آهن گهارو: گرمي جي شدت ۾ واڌ، ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي هدايتن تي مسافرن لاءِ رليف ڪئمپ قائم سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ جاري شديد گرمي ۽ هيٽ ويو جي لهر کي نظر ۾ رکندي، ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي خاص هدايتن تي چيئرمين ٽائون ڪميٽي گهارو جام احسان جوکيو جي اڳواڻي ۾ گهارو جي مڪ بس اسٽاپ تي هڪ خصوصي رليف ڪئمپ قائم ڪئي وئي آهي. هن ڪئمپ جو بنيادي مقصد سخت گرمي ۾ سفر ڪندڙ مسافرن، پورهيتن ۽ عام شهرين کي لُڪ ۽ تيز گرمي جي شدت کان بچاءُ لاءِ فوري امداد فراهم ڪرڻ آهي رليف ڪئمپ تي ايندڙ ويندڙ شهرين لاءِ ٿڌو صاف پاڻي ۽ شربت جو انتظام ڪيو ويو آهي، جتي ٽائون ڪميٽي جا رضاڪار مسلسل موجود آهن جيڪي نه صرف ماڻهن کي ٿڌو پاڻي پياري رهيا آهن پر ڪين هيٽ ويو کان بچڻ جي احتياطي تدبيرن بابت آگاهي پڻ ڏئي رهيا آهن. مقامي شهرين ۽ مسافرن پاران انتظاميه جي هن قدم کي تمام گهڻو ساراهيو ويو آهي. شهرين جو چوڻ آهي ته اهڙي سخت موسم ۾ هي هڪ بهترين انساني همدردي وارو عمل آهي جنهن سان عوام کي وڏو سهارو مليو آهي ان موقعي تي ٽائون ڪميٽي انتظاميه جو چوڻ هو ته عوام جي سهولت لاءِ هي قدم کنيو ويو آهي ۽ جيڪڏهن گرمي جي اها شدت برقرار رهي ته شهر جي ٻين مختلف هنڌن تي پڻ اهڙيون ڪئمپون وڌايون وينديون ته جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن.

بقايا عوامي سوچ 10

تدريسي عمل، خاص ٻارن کي مهيا ڪيل سهولتن ۽ مختلف شعبن جو تفصيلي جائزو ورتو دوري دوران ڊپٽي ڪمشنر ڪلاس رومز، فوڊ سينٽر، گيمنگ زون ۽ هٿ سان تيار ڪيل شين جي سيڪشن جو معائنو ڪيو ان کان علاوه هن فري ڊينٽل چيڪ اپ ڪيمپ جو به جائزو ورتو ۽ اتي مهيا ڪيل طبي سهولتن تي اطمينان جو اظهار ڪيو ان موقعي تي هن ٻارن سان گڏ ويهي ساڻن ڳالهه ٻولهه ڪئي، انهن جي همت افزائي ڪئي ۽ سندن صلاحيتن کي ساراهيو ڊپٽي ڪمشنر اداري جي عملي جي ڪوشش کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته خاص ٻارن جي تعليم ۽ تربيت هڪ اهم قومي ذميواري آهي ۽ اهي ٻار معاشري جو قيمتي سرمايو آهن هن واضح ڪيو ته ضلعي انتظاميه خاص ٻارن کي هر ممڪن سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ انهن جي ڀلائي ۽ ڀهبود ۾ ڪا به ڪوتاهي نه اچڻ ڏني ويندي وڌيڪ هن هدايت ڏني ته ٻارن لاءِ بهترين تعليمي ماحول، جديد سهولتون ۽ مثبت سرگرميون مهيا ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن هو پنهنجي صلاحيتن کي ڀرپور نموني استعمال ڪري سگهن ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر صفدر علي شاهه، سينيئر ڊينٽل سرجن ڊاڪٽر شيام ڪمار، سينٽر جو پرنسپل ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 11

ڪالوني ۾ هڪ انتهائي افسوسناڪ واقعو پيش آيو، جتي موٽر سائيڪل سوار ٻن اڻڄاتل جوابدارن بزرگ شهري شفيق قريشي تي تيزاب اڇلائي فرار ٿي ويا. واقعي کان پوءِ زخمي شفيق قريشي کي فوري طور سول اسپتال ميرپورخاص منتقل ڪيو ويو، جتان سندس حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو. سيٽلائيٽ پوليس واقعي واري هنڌ تي پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا عوامي سوچ 12

، جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن، ڊي ايڇ او ڊاڪٽر راؤ آفتاب، سميت لاڳاپيل ڪاتن جي آفيسرن ۽ پوليو پروگرام سان لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ ۾ پوليو ورڪرن جو ڪردار بنيادي حيثيت رکي ٿو، جو ته هو گهر گهر وڃي ٻارن کي حفاظتي ڦڙا پيارين ٿا، تنهن ڪري پوليو ورڪرن کي ضروري سهولتون فراهم ڪيون وڃن ته جيئن هو بغير ڪنهن مشڪل جي پنهنجون ذميواريون ادا ڪري سگهن هن چيو ته بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پوليو ورڪرن جي حوصلا افزائي ڪئي ويندي ۽ کين ساراهيو ويندو ته جيئن ٻين ٽيمن ۾ به بهتر ڪارڪردگي ڏيکارڻ جو جذبو پيدا ٿئي. هن عوام کي اپيل ڪندي چيو ته مهم دوران شديد گرمي کي نظر ۾ رکندي پوليو ٽيمن سان مڪمل سهڪار ڪيو وڃي ته جيئن پوليو ورڪر وڌيڪ جذبي پنهنجا فرض ادا ڪري سگهن ڊپٽي ڪمشنر اسسٽنٽ ڪمشنرن، ڊي ايڇ او ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته مهم دوران مائڪرو پلاننگ ۽ نگراني جي نظام کي موثر بڻايو وڃي ته جيئن ڪو به ٻار پوليو جي ڦڙن کان محروم نه رهي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر پنجن ئي تعلقن گهوٽڪي، خانگڙهه، ميرپور ماٿيلو، ڏهرڪي ۽ اوٻاڙو جي پوليو ورڪرن کي بهتر ڪارڪردگي تي مڃتا سرٽيفڪيٽ ۽ انعام پڻ ڏنا ان کان اڳ اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر ظهير ڊومڪي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته 18 کان 21 مئي تائين جاري رهندڙ مهم دوران ضلعي ۾ 4 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو وائرس کان بچاءَ جا ڦڙا پيارايا ويندا

بقايا عوامي سوچ 13

ئي، ان موقعي تي شاهد عثمان چيو ته ملڪ ۾ مهنگائي سبب عوام سخت پريشان اهي، اسان پنهنجا فرض ادا ڪندي ڏوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف سخت ڪارروايون ڪندي ڪين ڪيفر ڪردار تائين پهچايو پيا، جيئن امن امان جي صورتحال بهتر ٿي سگهي. عبدالستار چانديو سان گڏ سرڪار چانديو پڻ موجود هو.

بقايا عوامي سوچ 14

جنهن مان 1 ماڻهون زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو خبر موجب ڪراچي کان لاهور ويندڙ تيزگام ايڪسپريس ٽرين جو بريڪ جنگشاهي ريلوي اسٽيشن تان گذرڻ وقت بريڪر ٽٽي پيو، جنهن جي نتيجي ۾ اسٽيشن تي موجود ٻن پورهتن کي ٽڙي لڳو جيڪي سخت زخمي ٿي پيا زخمين ۾ محمد انور ولد محمد اسماعيل خاصخيلي،کي رورل هيلٿ سينٽر جنگشاهي پهچايو جتان مڪلي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو حادثي جو ڪارڻ ابتدائي طور ٽرين جي بريڪ سسٽم ۾ فني خرابي ۽ مناسب سار سنڀال جي ڪوٽ ڄاڻايو پيو وڃي، جنهن ڪري اهڙا افسوسناڪ واقعا پيش اچي رهيا آهن. علائقي واسين ۽ شهرين پاران ريلوي اختيارين کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته ٽرين جي فني جانچ سخت ڪئي وڃي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙن حادثن کان بچي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 15

ي دادو پوليس سماج دشمن عنصرن خلاف ڪامياب ڪاروائيون ڪندي ڪيترن ئي منشيات فروشن ۽ جوارين کي گرفتار ڪري ورتو آهي، ڪاروائين دوران 2 ڪلو کان وڌيڪ چرس، شراب جون بوتلون، پنگ، گٽڪو زيڊ 21 سوپاريون ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو ويو. ڪي اين شاهه پوليس ٻن لسٽيڊ منشيات فروشن وسيم عباس چنه ۽ محرم قمبراڻي کي چرس سميت گرفتار ڪيو، جڏهن ته جوا جي اڏي تي ڇاپي دوران 9 ڄڻا گرفتار ڪري رقم، موبائل فون ۽ تاش به هٿ ڪيا ويا. ميهڙ ٻي سيڪشن، دادو اي سيڪشن ۽ ٽرڙي جي مختلف ٿاڻن پڻ الڳ الڳ ڪاروائين ۾ منشيات ۽ شراب فروشن کي گرفتار ڪري انهن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا عوامي سوچ 16

جو ڪم رولڙي جو شڪار آبادگارن جون ميڊيا آڏو دانهون مختيارڪار ميرپور ماٿيلو مقرر ڪري مسئلا حل ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب ضلعي انتظاميه جي نااهلي سبب گهوٽڪي ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر شهر ميرپور ماٿيلو ۾ گذريل ٻن مهينن کان مختيار ڪار رويينيو جي سيٽ خالي پيل آهي جنهن سبب سوين ماڻهن جا جائز ڪم رولڙي جو شڪار بڻجي ويا آهن ان سلسلي ۾ آبادگارن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته مختيارڪار مقرر نه ٿيڻ سبب گذريل ٻن مهينن کان اسان آفيس جا ڌڪا کائڻ تي مجبور آهيون ڪيترائي ڀيرا ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي کي شڪايتون ڪيون آهن پر ان باوجود هن وقت تائين ڪو به مختيارڪار مقرر نه ٿي سگهيو آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي نوٽس وٺي مختيارڪار ميرپور ماٿيلو مقرر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو سڏ ڏنو ويندو .

بقايا عوامي سوچ 17

اٽي ۾ ٻاهه جي تازو واقعن کي نظر ۾ رکندي امڪاني ٻاهه جي واقعن ۾ جاني ۽ مالي نقصان کان بچڻ لاءِ شهر جي ريشم گلي، شاهي بازار، جيلس بازار، موبائيل مارڪيٽ سميت ٻين علائقن جي شاپنگ سينٽرن ۽ دڪانن ۾ فائر ايڪسٽنگوئشر لڳايا ويا آهن. ان حوالي سان چيئرمين دڙي ٽائون شاهه رخ انور سيال ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته صدر پاڪستان آصف علي زرداري، پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ايم پي اي فريال ٽالپر جي عوامي ويزن تحت تازو لاڙڪاڻي ۾ ٻاهه جي واقعن کي نظر ۾ رکندي عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ اهم قدم کڻي فائر ايڪسٽنگوئشر لڳايا ويا آهن ته جيئن ڪنهن به اڻٽڻندڙ واقعي کان بچي سگهجي. هن چيو ته فائر ايڪسٽنگوئشر لڳائڻ جو مقصد امڪاني ٻاهه جي واقعن ۾ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ آهي. فائر ايڪسٽنگوئشر سان ننڍي يا شروعاتي ٻاهه کي فوري طور وسائي وڏي نقصان کان بچي سگهجي ٿو ٻاهه پکڙجڻ کان اڳ روڪڻ سان سامان، عمارت ۽ گاڏي کي بچائي سگهجي ٿو ان موقعي تي پ پ پ اڳواڻ غلام رسول لغاري، علي رضا سومرو، محمد يوسف ڏيٿو پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 18

کيو گل زادي جي نيشنل پريس ڪلب تي پريس ڪانفرنس. نئون ڪوٽ جو رهواسي حمير نهڙيو مون سان بغير نڪاح جي هڪ سال کان زبردستي ڪندو رهيو . گل زادي شيخ ڪراچي خدا جي بستي نزد سهراب ڳوٺ جي رهواسڻ گل زادي نيشنل پريس ڪلب بدين پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته منهنجو سڱو ڀاءُ منظور شيخ ان جي گهر واري حسنا ان جو چاچو عبدالله ۽ عمر مون کي نئون ڪوٽ گهمڻ جي بهاني سان وٺي آيا جتي اسان قلعو گهمڻ وياسين ان دوران هڪ وڏي عمر جو شخص منهنجي ڀاءُ ۽ ٻين مائٽن سان ملڻ آيو پاڻ ۾ الڳ ويهي ڳالهائي رهيا هئا جنهن بعد مون کي جوس پياريو ويو ۽ آئون بيهوش ٿي ويس جڏهن هوش آيو ته آئون نئون ڪوٽ جي هڪ گهر ۾ هئس ۽ حمير نهڙيو نالي شخص منهنجي پاسي ۾ ويٺو هو جيڪو اڻڻ وقت مون کي دلاسا ڏئي رهيو هو ۽ چيائين تون جا مائٽ توکي پنج لک ۾ مون کي وڪرو ڪري ويا آهن هاڻي تون منهنجي امانت آهين جنهن بعد اهو شخص مون تي پورو هڪ سال تشدد ڪندو رهيو ناجائزي ڪندو رهيو جڏهن گهر کان ٻاهر ويندو هو ته ٻاهران گهر کي تالو لڳائي ويندو هو آئون پورو سال گهر ۾ قيد هئس اڄ موقعو ڏسي آئون گهران نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي بدين پهتي آهيان منهنجو چوڻ آهي ته ايس ايس پي ٿرپارڪر ۽ ايس ايس پي بدين ڊي آئي جي حيدرآباد کي اپيل ٿي ڪريان ته مون کي وڪرو ڪندڙن ۽ خريد ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ آئون هيومين رائيٽس آف پاڪستان ڪراچي برانچ کي پڻ اپيل ٿي ڪريان مون کي انصاف مهيا ڪيو وڃ

بقايا عوامي سوچ 19

خان,شاهنواز ڪوسو,محمد رحيم ڪوسو,ممتاز ڪوسو,رسول بخش ڪوسو ۽ جنگو ڪوسو جي گهرن کي ٻاهه وڪوڙي ويئي,جنهن ۾ رئيس :بهاول خان ڪوسو جي گهر بيٺل پوٺوهار گاڏي,هڪ موٽر سائيڪل سميت ويهه ٻڪريون ۽ ليسن سميت هٿيار به سڙي رک ٿي ويا, جڏهن ته ٻين جي گهرن ۾ ڪا سئي نه بچي اهي :گهرن ۾ پيل اناج نياڻين جي ڏاج ۽ ڪڻش پئسا به سڙي رک ٿي ويا. :فائير برگيڊ گاڏي ۽ پرائيوٽ ٽينڪين ذريعي باهه تي ضابطو آندو ويو باهه متاسر ڪيل اسمان هيٺ ويٺل

بقايا عوامي سوچ 20

وليس پاران هڪ شخص کي گرفتار ڪري پنهنجي حراست ۾ ورتو هو، جيڪو شخص پوليس جي حراست ۾ فوت ٿي ويو هو. جنهن فوتي شخص جي فوت ٿيڻ واري مامري ۾ ايم پي اي ممتاز چانڊيو پاران ذاتي ڪوششون وٺي فوتي جي وارثن جي سپورٽ ڪرڻ تي به سندس ٿورو مڃيو ويو، جنهن خاطري ڪرائي ته فوتي جي وارثن کي انصاف فراهم ڪرايو ويندو، ان موقعي تي عبدالستار چانڊيو سان گڏ سرڪار چانڊيو پڻ موجود هو.

بقايا عوامي سوچ 21

يت سياسي و سماجي اڳواڻ محمد ياسين چانڊيو خبرون جو نوٽيس وٺندي ڪم شروع ڪرائي ڏنو ۽ ٻئي طرف رابطي ڪرڻ تي محمد ياسين چانڊيو پنهنجو موئقف ڏيندي ٻڌايو ته اوهان جي طرفان جيڪي خبر خبرون هلايون ويون ان ڪانپوءِ فورن مان روڊ جو ڪم شروع ڪرائيو ۽ چيو ته اوهان جاتي به نشاندگي ڪندا ته مان ڀرپور ڪوشش ڪندس اوهان عوام جي خدمت ڪيان يقين ڏياريو ته تمام جلد ڪم مڪمل ڪرائيندا سين اوهان جو ساٿ ضروري آهي نوشهرو فيروز ۾ ترقياتي ڪم ڪرائبا عوام سان هر ڏکئي وقت ۾ گڏ آهيون.

بقايا عوامي سوچ 22

سان ملاقات ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري پاران ڪوٽڙي ۾ قائم سنڌ ايمپلائيز سوشل سيڪيورٽي انسٽيٽيوشن (SESSI)اسپتال جو دورو ڪيو ويو، جتي هن مريضن کي فراهم ڪيل طبي سهولتن، اسپتال جي انتظامي نظام ۽ علاج معالج جي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو. ان موقعي تي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر الياس احمد ميمڻ ڊپٽي ڪمشنر کي اسپتال جي مختلف وارڊن، ايمرجنسي شعبي ۽ ٻين حصن جو معائنو ڪرايو ۽ اسپتال ۾ موجود سهولتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو مختلف وارڊن ۾ داخل مريضن سان ملاقات ڪئي ۽ کين فراهم ڪيل صحت سهولتن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي. مريضن پاران علاج ۽ سهولتن بابت اطمينان جو اظهار ڪيو ويو، جنهن تي ڊپٽي ڪمشنر خوشي جو اظهار ڪندي انتظاميا کي بهتر ڪارڪردگي جاري رکڻ جي هدايت ڪئي، ڊي سي غضنفر علي قادري چيو ته عوام کي معياري ۽ بروقت طبي سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي، ۽ اسپتالن ۾ سهولتن جي فراهمي، صفائي سترائي ۽ دوائن جي دستيابي تي ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي، دوري دوران ڊاڪٽر اعجاز احمد شورو، اسٽاف آفيسر عرفان علي چنا سميت سوشل سيڪيورٽي اسپتال جا ڊاڪٽر، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ ٻيا عملدار پڻ موجود هئا، بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو آفيسرن سان گڏ اسپتال جي احاطي ۾ وڻڪاري مهم تحت ٻوٽا پڻ لڳايا ۽ ماحولياتي بهتري لاءِ وڻڪاري جي اهميت تي زور ڏنو

بقايا عوامي سوچ 23

پرنسپال کي چنڊ تفصيل موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ جي هدايتن تي فرسٽ سول جج خالد ستار سومرو گزريل ڏينهن اوچتو مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج ۽ هائير سيڪنڊري اسڪول جو دورو ڪيو ته دوري دوران ڪلاس 6 ڪلاس C, D, E, F, B,۽ E,F 7 فرسٽ ايئر انٽر ڪلاس ڪلاس ڏهين Dسميت ڪنهن به ڪلاس ۾ ڪو به شاگرد موجود نه هو ۽ نه ئي پرنسپال سميت ڪو استاد موجود هيو اهڙي قسم جو اطلاع ملڻ بعد پرنسپال مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج پهتو ته فرسٽ سول جج خالد ستار سومرو پرنسپال کي چنڊ پٽيندي چيو ته افسوس جو مقام آهي جو مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج جا استاد لکين روپيا تنخواهون ۽ مراعات وٺن باوجود فرضن ۾ غفلت ڪري رهيا آهن جنهن سبب شاگردن جو مستقبل داءُ تي لڳل آهي استادن جي غير حاضري سبب شاگردن جي اسڪول ۽ ڪاليج آمد و رفت گهٽجي وئي آهي ٻار تعليم جي زيور کان محروم آهن سرڪاري تعليمي ادارن ۾ تعليم جو معيار بهتر نه هجڻ سبب شهري مجبور ٿي ڪري پنهنجن ٻارڙن کي پرائيويٽ اسڪولن ڏانهن موڪلڻ تي مجبور ٿي ويا آهن

بقايا عوامي سوچ 24

۽ سماجي تنظيمن پاران شيخ فريد چوڪ کان رڪشا اسٽاپ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو. ريلي جي اڳواڻي احمد نواز پنهاڻ، راجو قريشي، ارباب سجاد سمون، حنيف ميمڻ، ناٿو خان بروهي، جاويد غني، منا خان لاشاري، راول ڪرناٽي، منظور ميمڻ ۽ ڊاڪٽر ڪامران سميت ٻين اڳواڻن ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته ايس ڊي او حيسڪو واپڊا ٺٽو رڪوري جي بهاني شهر جي معزز شهرين جي گهرن ۾ زبردستي داخل ٿي چادر ۽ چوديواري جي تقدس کي پامال ڪري رهيو آهي. هنن الزام هنيو ته حيسڪو انتظاميا بل جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ جو انتظار ڪرڻ بنا شهرين جون بجلي لائينون ڪاٽي رهي آهي، جڏهن ته ڪجهه خانگي ماڻهو به مقرر ڪيا ويا آهن، جيڪي متاثر ماڻهن کان رشوت وٺي ٻيهر بجلي جون لائينون لڳرائين ٿا. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته بجلي جي بلن ۾ هٽرادو طور لکين رپين جون ڊيٽيڪشنون وجهي شهرين کي بليڪ ميل ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته ڏکهي ۽ غيراعلانيا لوڊشيڊنگ سبب شهرين جي زندگي عذاب بڻجي وئي آهي. مظاهرين ٺٽي جي چونڊيل نمائندن صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي ۽ ايم اين اي صادق ميمڻ کان مطالبو ڪيو ته شهرين جي چادر ۽ چوديواري جي تحفظ لاءِ ڪردار ادا ڪيو وڃي. مظاهرين مطالبو ڪيو ته ايس ڊي او حيسڪو واپڊا ٺٽو کي فوري طور هٽايو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو. ريلي ۾ سماجي اڳواڻ حاجي خان واريو، شهروز چانگ، اقبال ميمڻ، محمد شورو، منظور انڙ ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 25

تان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جيڪب آباد جي جکراڻي هائوس پهچي ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي سان سنڌس پٽ مير زيد حسين جکراڻي جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي ان دوران بلاول ڀٽو زرداري مير زيد حسين جکراڻي جي وڇوڙي تي نهايت ڏک جو اظهار ڪيو ان کان اڳ جيڪب آباد ۾ سيڪيورٽي جا انتظام نهايت سخت ڪيا ويا هئا سنڌس گذرگاهن وٽان پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي جڏهن ته اهي روٽ پبلڪ ٽرانسپورٽ لاءِ مڪمل بند ڪيا ويا هئا جڏهن ته بلاول ڀٽو زرداري جي آمد جي موقعي تي ميڊيا کي پڻ ڪوريج ڪرڻ کان روڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 26

قدس پائمال ڪري فائرنگ ڪري گهرن توڙي دڪان ۾ ڀيچ ڌاهه ڪري گهرن مان سونا زيور، ڪيش رقم سميت ڪپڙا ۽ ٻيو قيمتي سامان ڪٽي وڃڻ سميت هڪ عورت تي تشدد ڪري سندس ٻانهن ڀڃڻ خلاف هڪ احتجاجي مظاهرو مڪلي ٻاءِ پاس مڪلي سجاول روڊ تي ڪري ڌرڻو هڻي ٽرئفڪ معطل ڪري پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪندي متاثر ڳوٺاڻن وڏيرو مراد گندرو، علي محمد، مير محمد، وسيم گندرو، جميل احمد گندرو، ٻاٻن، شهزاد گندرو ۽ زخمي عورت نسيم گندرو الزام هڻندي چيو ته 2 راتيون اڳ ننڍ ستي سي آءِ اي، ون فائيو سميت ٺٽو ۽ مڪلي پوليس جي وڏن اٿالن اسانجي گهرن تي ڪاهه ڪري گهرن ۾ داخل ٿي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي فائرنگ ڪري علائقي ۾ ڏهڪاءَ پکيڙڻ بعد اسانجي 3 گهرن ۾ ڀيچ ڌاهه ڪري گهرن ۾ رکيل سونا زيور، نياڻين جا ڪپڙا، 85 هزار روپيه ڪيش رقم، ڪپڙن جي پيٽي، گهر جو راشن ڪٽڻ سان گڏ گهرن جون الماريون، ڊرين جا قيمتي شيشا ٽوڙي کين وڏو نقصان پهچائڻ سان گڏ گهرن سان گڏ غلام قادر گندرو جي دڪان مان 47 هزار روپيه ڪيش رقم سميت ٻيو قيمتي سامان ڪٽڻ دوران مزاحمت ڪرڻ تي پوليس اهلڪار نسيم گندرو کي ڪلاشنڪوف جا بٽ هڻي سنڌس ٻانهن ڀڃي پهتل نقصان جو ازالو ٿي ناهي سگهيو، جنهن ڪري هو سراپا احتجاج بڻيل آهن ۽ انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندا. هنن گهر ڪئي ته ساڻن انصاف ڪري کين پهتل نقصان جو ازالو ڪرائي بنا ڪنهن وارنٽ جي سندن گهرن ۾ داخل ٿي کين پهتل نقصان جو ازالو ڪرائي پوليس خلاف ڪاروائي ڪري کين تحفظ مهيا ڪري کين پوليس زيادتين مان نجات ڏياري وڃي. 3 ڪلاڪن جي لڳل ڌرڻي بعد ايس ايڇ او ٺٽو ۽ مڪلي مظاهرين وٽ پهچي مسئلي جي حل جي خاطري ڪرائي احتجاج ختم ڪرائي روڊ ڪولرائي ڇڏيو.

بقايا عوامي سوچ 27

پريشان آهن. هنن چيو ته منشيات فروشن کي سندن گهرڀاتي محمد عثمان ملاح پاران اهڙي ڪڌي ڪاروبار ڪرڻ کان روڪيو ته گزريل رات دير سان منشيات فروش جوابدارن شريف بشير، ادريس بشير، يونس بشير ۽ ٻين سندن گهر تي حملو ڪري سڪينه زال عثمان، سندس ڌي زڪيه زال شير علي، صوفيه ڌي عثمان ميربحر کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي، هنن چيو ته حملي آور منشيات فروش جوابدارن خلاف سڪينه زال عثمان جي فرياد تي ٺٽو ٿاڻي تي رپورٽ پڻ درج ڪرائي زخمي نياڻين کي سول اسپتال مڪلي ۾ داخل ڪرايو آهي، جتي ڊاڪٽرن پاران نياڻين کي پاسراڻين ۾ ڌڪ هڻڻ جي پڻ تصديق ڪئي ويئي آهي، پراڃان تائين ٺٽو پوليس حملي اور جوابدارن کي گرفتار ڪري ناهي سگهي، جيڪي اسانکي وڌيڪ موتمار ڌمڪيون ڏيئي نقصان پهچائڻ چاهين ٿا، هنن آ جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٺٽو کان گهر ڪئي آهي ته فورن حملي آور منشيات فروش جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪري اسانکي منشيات فروشن جي زيادتين مان نجات ڏياري نوجوان نسل کي وڌيڪ تباهي کان بچايو وڃي. ٻئي صورت ۾ انصاف نه ملڻ جي صورت ۾ سخت احتجاج ڪرڻ سان گڏ انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندا سين.

بقايا عوامي سوچ 28

ا برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان پيدا ٿيل چڪتاڻ خوني جهيڙي جي صورت اختيار ڪري وئي، جنهن ۾ لٺين ۽ ڪهاڙين جو آزادانه استعمال ڪيو ويو، نتيجي ۾ هڪ ڄٽو قادر ڪهيو موقعي تي دم ڏٽي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ عورتن سميت 5 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. زخمين کي رورل هيلٿ سينٽر ور منتقل ڪيو ويو آهي. جن مان جمن کهيو جي حالت سيريس ٻڌائي پئي وڃي. واقعي کانپوءِ علائقي ۾ سخت ڏهڪاءُ پکڙجي ويو آهي. سخت چڪتاڻ واري صورتحال برقرار آهي، جنهن سبب وڌيڪ خونريزي جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي.

ٽڪا لڳائڻ جي عالمي هفتي جي سلسلي ۾ صحت کاتي ٿرپارڪر پاران جاڳرتا سيمينار منعقد

پوري دنيا ۾ هر سال ٽڪن هڻڻ جو هفتو ملهايو وڃي ٿو جنهن جو مقصد ٻارن، ڳورهاري عورتن سميت نياڻين کي مختلف بيمارين کان بچائڻ آهي : عبدالحليم جاگيراڻي

جنهن کان بچڻ جو واحد حل انهن کي ننڍي ڄمار (9 سالن جي عمر) ۾ ئي بچاءُ جا ٽڪا لڳرائڻ آهي

اهي اسان جي نياڻين کي انهي مرض کان بچائڻ لاءِ صحت کاتي ۽ ضلعي انتظاميه سان ڀرپور سهڪار ڪن

مٺي (رپورٽ محمدرحيم مگريو) ٽڪا لڳائڻ جي عالمي هفتي جي سلسلي ۾ صحت کاتي ٿرپارڪر پاران مختلف غير سرڪاري تنظيمن جي سهڪار سان اڄ مٺي جي مقامي هوٽل ۾ جاڳرتا سيمينار منعقد ڪيو ويو. سيمينار کي خاص /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

سڄاول ۾ ايس ٽي پي پاران هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

جيڪا مامون لاڏو چوڪ کان شروع ٿي پبلڪ پارڪ تائين پهتي جتي مظاهرين پاران ڌرڻو پڻ هنيو ويو

ريلي ۾ پارٽي ڪارڪنن، اڳواڻن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ مختلف سماجي مسئلن خلاف سخت نعريبازي

مريضن جو بنيادي علاج به مهيا نٿي سگهي ٿو، جيڪو حڪومت جي نااهلي جو ثبوت آهي

سڄاول (رپورٽ: امتياز ميمڻ) سڄاول ۾ ايس ٽي پي پاران هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. جيڪا مامون لاڏو چوڪ کان شروع ٿي پبلڪ پارڪ تائين پهتي جتي مظاهرين پاران ڌرڻو پڻ هنيو ويو. ريلي ۾ پارٽي ڪارڪنن، اڳواڻن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

گمس اسپتال ٻاهران موجود خراب ۽ اجڙيل روڊ ڏکي عرصي کان شهرين لاءِ سخت تڪليف ۽ پريشانيءَ جو سبب بڻيل

روزانو اينڊڙ مريضن سندن وارثن ۽ عام رهواسين کي اچ وڃ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئي رهيو هو

هن اهم مسئلي کي نظر ۾ رکندي گمس اسپتال گمبٽ جي ڊائريڪٽر ڪيپٽن ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي پاڻ نوٽيس وٺندي ذاتي دلچسپي ظاهر ڪئي

گمبٽ (رپورٽر علي بخش گوپانگ) گمبٽ شهر جي اسٽيشن روڊ تي گمس اسپتال ٻاهران موجود خراب ۽ اجڙيل روڊ ڏکي عرصي کان شهرين لاءِ سخت تڪليف ۽ پريشانيءَ جو سبب بڻيل هو. روزانو اينڊڙ مريضن سندن وارثن ۽ عام رهواسين کي اچ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

اڳوڻي يو سي چيئرمين سرڳواسي کيت سنگهه جاڳا جي ٻارس جي ماني جي رسم ڳوٺ هريار ۾ ٿي گذري

جنهن ۾ ايم پي اي راڻا همير سنگهه سوڍو، نالي وارو ڊاڪٽر جئه سنگهه سيسوڏيا، اڳوڻو چيئرمين پرديپ مهراج موجود هو

صحافين نندلال لوهاڻو، علي گل رند، جي آر جوڻيجو، محمدرحيم مگريو ۽ منورعلي مگريو سڪيلڊو حجام شريڪ

پانچراج جاڳو، ڪينئراج ٺڪر، نارائڻ سنگهه سميت وڏي تعداد ۾ مختلف برادرين جي معززين ٻين برادرين پڻ شرڪت ڪئي

مٺي (ڊ-رمحمدرحيم مگريو) ٿر جي تاريخي ڳوٺ هريار جي پٽيل ۽ اڳوڻي يو سي چيئرمين سرڳواسي کيت سنگهه جاڳا جي ٻارس جي ماني جي رسم ڳوٺ هريار ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ ايم پي اي راڻا همير سنگهه سوڍو، نالي وارو ڊاڪٽر جئه /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

اوڏيرو لال لڳ ڳوٺ چنيسر خاصخيلي جو آر او فلانٽ ناڪاره

معصوم ٻار عورتون خراب پاڻي واپرائڻ سبب ڪاري سائي چمڙي سميت ٻين مختلف بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا

شڪايتن جي باوجود ڪنهن نوٽيس ناهي ورتو ڳوٺاڻا اعجاز خاصخيلي ۽ عظيم خاصخيلي

ڳوٺاڻن جو ڊپٽي ڪمشنر مٽياري ۽ پبلڪ هيلٿ کاتي مٽياري خلاف احتجاجي مظاهرو

اوڏيرولال (رپورٽ منور هنگورو) اوڏيرولال لڳ ڳوٺ چنيسر خاصخيلي جو آر او فلانٽ ناڪاره. ڳوٺاڻا ڪيترن سالن کان جرجو ڪارو پاڻي واپرائڻ تي مجبور معصوم ٻار عورتون خراب پاڻي واپرائڻ سبب ڪاري سائي چمڙي سميت ٻين مخت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

اوڏيرولال. ڳوٺ چنيسر خاصخيلي جا رهواسي آر او فلانٽ ناڪاره هجڻ تي ڊي سي مٽياري ۽ ٻين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

گهوڙاٻاري رورل هيلٿ سينٽر ورجي احاطي مان غيرقانوني ريڙهين کي هٽائڻ لاءِ هدايتون جاري

ڊاڪٽر ساجد شيخ پاران اسپتال جي احاطي مان غيرقانوني ريڙهين کي هٽائڻ لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي باضابط خط جاري ڪيو ويو

اسپتال جي احاطي اندر غير مجاز طور مختلف ريڙهين وارا، جهڙوڪ ميوا، پڪوڙا، سموسا ۽ بسڪيٽ وغيره وڪرو ڪري رهيا آهن

جنهن سبب مريضن جي آمدرفت ۽ علاج جي عمل ۾ رڪاوٽ پيدا ٿي رهي آهي ۽ اسپتال جي صفائي سترائي به متاثر ٿي رهي آهي

گهوڙاٻاري (سيد شاه خالدڏاتاري) رورل هيلٿ سينٽر ورجي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر ساجد شيخ پاران اسپتال جي احاطي مان غيرقانوني ريڙهين کي هٽائڻ لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي باضابط خط جاري ڪيو ويو آهي. خط ۾ ڄاڻايو ويو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ڪاڇي جي ڳوٺ جلب رند جي رهواسين مرد عورتن تشدد ڪندڙ ٻاڻن ۽ واهي پانڌي جي پوليس گردي خلاف احتجاج

اسان جا سئوٽ پيئڻ جي پاڻي واري سرڪاري ٽانڪي تي قبضو ڪري زمين آباد ڪرائڻ ٿا

اسان مردن جي غير موجودگي ۾ درجن کان وڌيڪ ڏنڊا بردار ماڻهون گهرن ۾ گهڙي عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد ڪيو

اهڙي تشدد جي عمل خلاف واهي پانڌي ٿاڻي تي وياسين ته اسان جي خالي پني تي اين سي داخل ڪئي

جوهي (رپورٽ رحيم بخش) ڪاڇي جي ڳوٺ جلب رند جي رهواسين مرد عورتن تشدد ڪندڙ ٻا اٿرن ۽ واهي پانڌي جي پوليس گردي خلاف مسمات ثمينا، الطاف حسين رند ، اعجاز ، ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪاڇي اسٽاپ کان احتجاجي مظاهرو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

سنڌ جي تعليمي نظام کي لوڏي ڇڏيندڙ ميرپورخاص بورڊ ميگا ڪرپشن اسڪينڊل

سڄي صوبي تائين ڦهلجڻ جا دعوي' 25 ڪروڙ رپين جي مبينا رشوت، ڪيترن ئي اعلي' عملدارن کي نوٽيس، 30 اپريل تي طلب

ميرپورخاص تعليمي بورڊ سان لاڳاپيل مبينا ميگا ڪرپشن اسڪينڊل هاڻي سڄي صوبي تائين ڦهلجڻ جا انڪشاف سامهون آيا

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) سنڌ جي تعليمي نظام کي لوڏي ڇڏيندڙ ميرپورخاص بورڊ ميگا ڪرپشن اسڪينڊل، سڄي صوبي تائين ڦهلجڻ جا دعوي' 25 ڪروڙ رپين جي مبينا رشوت، ڪيترن ئي اعلي' عملدارن کي نوٽيس، 30 اپريل تي طلب ميرپورخاص: سنڌ جي تعليمي نظام کي شديد ڌڪو ڏيندڙ ميرپورخاص تعليمي بورڊ سان لاڳاپيل مبينا ميگا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

چيئرمين ٽائون ڪميٽي گهارو جي اڳواڻي ۾ هڪ خصوصي ريليف ڪئمپ قائم ڪئي وئي

مقصد سفر ڪندڙ مسافرن، محنت مزدوري ڪندڙ ماڻهن ۽ عام شهرين کي گرمي جي شدت کان بچاءُ فراهم ڪرڻ آهي

ڪئمپ ۾ اينڊڙ ويندڙ ماڻهن لاءِ ٿڌو صاف پاڻي، شربت ۽ ٻيون سهولتون مهيا ڪيون پيون وڃن

گهارو (رپورٽ عبداللطيف) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي خاص هدايتن تي، چيئرمين ٽائون ڪميٽي گهارو جام احسان جوکيو جي اڳواڻي ۾ گهارو جي مڪ بس اسٽاپ تي سخت گرمي ۽ هيٽ ويو جي موجوده صو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

چيلهار لڳ ڳوٺ ڪيجراڙو ۾ اچانڪ باهه لڳڻ ڪري اٺ گهر سڙي رک ٿي ويا

چيلهار لڳ ڳوٺ ڪيجراڙو ۾ اچانڪ باهه لڳڻ ڪري اٺ گهر سڙي رک ٿي ويا

ٻين جي گهرن ۾ ڪا شئي نه بچي آهي: گهرن ۾ پيل اناج نياڻين جي ڏاج ۽ ڪئش پئسا به سڙي رک ٿي ويا

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) چيلهار لڳ ڳوٺ ڪيجراڙو ۾ اچانڪ باهه لڳڻ ڪري اٺ گهر سڙي رک ٿي ويا، :باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ رئيس ٻهاول/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

گل زادي جي نيشنل پريس ڪلب تي پريس ڪانفرنس

ٺٽون ڪوٽ جو رهواسي حمير نهڙيو مون سان بغير نڪاح جي هڪ سال کان زبردستي ڪندو رهيو

منهنجو سڳو ڀاءُ منظور شيخ ان جي گهر واري حسنا ان جو چاچو عبدالله ۽ عمر مون کي ٺٽون ڪوٽ گهمڻ جي بهاني سان وٺي آيا

بدين(رجب راهمون) مون کي ڀاءُ منظور ان جي گهر واري حسنا ان جي چاچي عبدالله ۽ عمر مون کي ٺٽون ڪوٽ ۾ حمير نهڙيو کي پنج لک ۾ وڪرو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ اهم قدم کڻي فائر ايڪسٽنگوشر لڳايا ويا آهن: شاهه رخ انور سيال

فائر ايڪسٽنگوشر لڳائڻ جو مقصد امڪاني باهه جي واقعن ۾ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ آهي

فائرايڪسٽنگوشر سان ننڍي يا شروعاتي باهه کي فوري طور وسائي وڏي نقصان کان بچي سگهجي ٿو

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي ۾ پيپلز پارٽي ايم پي اي سهيل انور سيال جي ڀاءُ چيئرمين ڏڪي ٽائون شاهه رخ انور سيال طرفان لاڙڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ٻن مهينن کان مختيارڪار روينيو جي سيٽ خالي پيل سوين ماڻهن جو ڪم رلجي جو شڪار

آباديگارن جون ميڊيا آڏو دانهون مختيارڪار ميرپور ماٿيلو مقرر ڪري مسئلا حل ڪرڻ جو مطالبو

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) گهوٽڪي ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر شهر ميرپور ماٿيلو ۾ ٻن مهينن کان مختيار ڪار روينيو جي سيٽ خالي پيل سوين ماڻهن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

دادو پوليس جون ڪاروائيون، منشيات فروش ۽ جواري گرفتار

ڪيترن ئي منشيات فروشن ۽ جوارين کي گرفتار ڪري ورتو آهي

ڪاروائين دوران 2 ڪلو کان وڌيڪ چرس، شراب جون بوتلون، ڀنگ، گٽڪو، زيد 21 سوپاريون ۽ ٻيو سامان هٿ

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج جي حڪمن ۽ ايس ايس پي دادو ڪئپٽن(ر) صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

تيزگام ايڪسپريس ريل جو بريڪ ٽٽي پيو

جنهن سبب 2 ماڻهون ٿڌي تي زخمي ٿي پيا

جن کي اعلاج لاءِ اسپتال پهچايو جنهن مان 1 ماڻهون زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) تيزگام ايڪسپريس ريل جو بريڪ ٽٽي پيو جنهن سبب 2 ماڻهون ٿڌي تي زخمي ٿي پيا،جن کي اعلاج لاءِ اسپتال پهچايو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ٺٽي جي رهواسي عبدالستار چانڊيو پاران حيدرآباد ۾ پي آر او حيدرآباد انسپيڪٽر شاهد عثمان سان ملاقات

ملڪ ۾ مهنگائي سبب عوام سخت پريشان آهي، اسان پنهنجا فرض ادا ڪندي : شاهد عثمان

ڏوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف سخت ڪاروايون ڪندي کين ڪيفر ڪردار تائين پهچايو پيا

ٺٽي (رپورٽر) ٺٽي جي رهواسي عبدالستار چانڊيو پاران حيدرآباد ۾ PRO حيدرآباد انسپيڪٽر شاهد عثمان سان ملاقات ڪري خيالن جي ڏي وٺ ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ پوليو مهم بابت اهم اجلاس منعقد

پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ ۾ پوليو ورڪرن جو ڪردار بنيادي حيثيت رکي ٿو

چوته هو گهر گهر وڃي ٻارن کي حفاظتي ڦڙا پيارين ٿا، تنهن ڪري پوليو ورڪرن کي ضروري سهولتون فراهم ڪيون وڃن

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراني جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ پوليو مهم بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ميرپور ماٿيلو: ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراني بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پوليو ورڪرن ۾ مڃتا سرٽيفڪيٽ ورهائي رهيو آهي

ميرپورخاص ۾ تيزاب سان حملو، حالت ڳڻتي جوڳي

ميرپورخاص جي گلشن ڪالوني ۾ هڪ انتهائي افسوسناڪ واقعو پيش آيو

موٽر سائيڪل سوار ٻن اڻڄاتل جوابدارن بزرگ شهري شفيق قريشي تي تيزاب اڇلائي فرار ٿي ويا

ميرپورخاص(بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص ۾ تيزاب سان حملو، حالت ڳڻتي جوڳي موصول ٿيل ڄاڻ موجب ميرپورخاص جي گلشن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر مڪلي جو دورو

جتي هن تدريسي عمل، خاص ٻارن کي مهيا ڪيل سهولتن ۽ مختلف شعبن جو تفصيلي جائزو ورتو

دوري دوران ڊپٽي ڪمشنر ڪلاس رومن، فوڊ سينٽر، گيمنگ زون ۽ هٿ سان تيار ڪيل شين جي سيڪشن جو معائنو ڪيو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر مڪلي جو دورو ڪيو، جتي هن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ٺٽي جي رهواسي عبدالستار چانڊيو پاران ايم پي اي ممتاز چانڊيو سان ملاقات

ان موقعي تي منياڻي ٽائون جي ڳوٺ ليٽ ننگر ۾ اتان جي پوليس پاران هڪ شخص کي گرفتار ڪري پنهنجي حراست ۾ ورتو هو

فوتي شخص جي فوت ٿيڻ واري مامري ۾ ايم پي اي ممتاز چانڊيو پاران ذاتي ڪوششون وٺي فوتي جي وارثن جي سپورٽ ڪرڻ تي ٻه سنڌس ٿورو مڃيو ويو

جنهن خاطري ڪرائي ته فوتي جي وارثن کي انصاف فراهم ڪرايو ويندو، ان موقعي تي عبدالستار چانڊيو سان گڏ سرڪار چانڊيو پڻ موجود هو

ٺٽي (رپورٽر) ٺٽي جي رهواسي عبدالستار چانڊيو پاران ايم پي اي ممتاز چانڊيو سان سندس حيدرآباد واري رهائش گاهه تي ملاقات ڪري مختلف موضوعن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي، ان موقعي تي منياڻي ٽائون جي ڳوٺ ليٽ ننگر ۾ اتان جي پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

نوشهرو فيروز DHO آفيس سامهون مهراڻ ٽائون جو روڊ ياسين چانڊيو جي ڪوشش سان ٺهڻ لڳو

سوشل ميڊيا تي خبرون وائرل ٿيڻ بعد معزز شخصيت سياسي و سماجي اڳواڻ محمد ياسين چانڊيو خبرون جو نوٽيس وٺندي ڪم شروع ڪرائي ڏنو

اوهان جي طرفان جيڪي خبر خبرون هلايون ويون ان ڪانپوءِ فورن مان روڊ جو ڪم شروع ڪرائيو

اوهان جاتي به نشاندگي ڪندا ته مان ڀرپور ڪوشش ڪندس اوهان عوام جي خدمت ڪيان يقين ڏياريو

نوشهرو فيروز (رپورٽ ثناءالله عباسي) نوشهرو فيروز DHO آفيس سامهون مهراڻ ٽائون جو روڊ ياسين چانڊيو جي ڪوشش سان ٺهڻ لڳو ياد رهي ته اسان جي طرفان ڪجهه ڏينهن پهريان سوشل ميڊيا تي خبرون وائرل ٿيڻ بعد معزز شخص/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21



ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو جو ڪوٽڙي سوشل سيڪيورٽي اسپتال جو دورو

هن مريضن کي فراهم ڪيل طبي سهولتن، اسپتال جي انتظامي نظام ۽ علاج معالج جي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو

ايمرجنسي شعبي ۽ ٻين حصن جو معائنو ڪرايو ۽ اسپتال ۾ موجود سهولتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

ڄامشورو (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جو ڪوٽڙي سوشل سيڪيورٽي اسپتال جو دورو، صحت سهولتن جو جائزو، مريضن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ميرپور ماٿيلو فرسٽ سول جج خالد ستار سومرو جو اوچتو مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج ۽ هائير سيڪنڊري اسڪول جو دورو

دوري دوران اسڪول جا سمورا ڪلاس بند پرنسپل سميت سمورا استاد غير حاضر سول جج جي پرنسپال کي ڇنڊ

دوري دوران ڪلاس 6 ,B, F, E, D, C ۽ ڪلاس فرسٽ ايئر انٽر ڪلاس 7 F,E ڪلاس ڏهين D سميت ڪنهن به ڪلاس ۾ ڪوبه شاگرد موجود نه هو

نه ئي پرنسپال سميت ڪو استاد موجود هيو اهڙي قسم جو اطلاع ملڻ بعد پرنسپال مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج پهتو

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو فرسٽ سول جج خالد ستار سومرو جو اوچتو مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج ۽ هائير سيڪنڊري اسڪول جو دورو دوري دوران اسڪول جا سمورا ڪلاس بند پرنسپل سميت سمورا استاد غير حاضر سول جج جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

آپڪا ٺٽو جي سڏ تي شهري اتحاد ٺٽو، عوامي تحريڪ، جيئي سنڌ تحريڪ ۽ ٻين سماجي تنظيمن پاران احتجاج

مختلف سياسي ۽ سماجي تنظيمن پاران شيخ فريد چوڪ کان رڪشا اسٽاپ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو

ايس ڊي او حيسڪو واپڊا ٺٽو رڪوري جي بهاني شهر جي معزز شهرين جي گهرن ۾ زبردستي داخل ٿي چادر ۽ چوديواري جي تقدس کي پامال ڪري رهيو آهي

حيسڪو انتظاميا بل جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ جو انتظار ڪرڻ بنا شهرين جون بجلي لائينون ڪاٽي رهي آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي جي ايس ڊي او حيسڪو واپڊا خلاف آل پاڪستان ڪلارڪس ايسوسيئيشن (آپڪا) ضلعي ٺٽو جي سڏ تي شهري اتحاد ٺٽو، عوامي تحريڪ، جيئي سنڌ تحريڪ، ايس ٽي پي، تاجر اتحاد سميت مختلف سياسي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

بلاول ڀٽو زرداري جي مير اعجاز حسين جکراڻي سان پٽ جي لاڏاڻي تي تعزيت

جيڪب آباد جي جکراڻي هائوس پهچي ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي سان سندس پٽ مير زيد حسين جکراڻي جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي

ان دوران بلاول ڀٽو زرداري مير زيد حسين جکراڻي جي وڇوڙي تي نهايت ڏک جو اظهار ڪيو

ان کان اڳ جيڪب آباد ۾ سيڪيورٽي جا انتظام نهايت سخت ڪيا ويا هئا سندس گذرگاهن وٽان پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي

جيڪب آباد (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جيڪب آباد پهچي ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي سان سندس پٽ مير زيد حسين جکراڻي جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي، ميڊيا کي ڪوريج ڪرڻ کان روڪيو ويو، خبر موجب پاڪس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ٺٽي لڳ مڪلي بائي پاس جي ڳوٺ وڏيرو محمد عرس گندرو جي ڪيترن ئي رهواسين پاران احتجاج

مڪلي بائي پاس مڪلي سڄاول روڊ تي ڪري ڌرڻو هڻي ٽرئفڪ معطل ڪري پوليس خلاف سخت نعريبازي

پوليس اهلڪار نسيم گندرو کي ڪلاشنڪوف جا بٽ هڻي سندس ٻانهن ڀڃي کين وڏو نقصان پهچايو آهي

پر 24 ڪلاڪ گذرڻ باوجود ساڻن ٿيل ناانصافي توڙي کين پهتل نقصان جو ازالو ٿي ناهي سگهيو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي لڳ مڪلي بائي پاس جي ڳوٺ وڏيرو محمد عرس گندرو جي ڪيترن ئي رهواسين پاران ٺٽو ۽ مڪلي پوليس توڙي سي آءِ اي ۽ ون فائيو پوليس جي زيادتين توڙي سندن گهرن تي چڙهايون ڪري چادر ۽ چوديواري جو ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ٺٽي شهر جي اسلام پور محلي جي بشير پاڙي جي رهواسڻ جو احتجاج

سندن پاڙي جي رهواسي منشيات فروش سندن جيئڻ جنجال بنائي مٿن حملا ڪري کين زخمي ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي

منشيات فروشن کي سندن گهرياتي محمد عثمان ملاح پاران اهڙي ڪذي ڪاروبار ڪرڻ کان روڪيو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي شهر جي اسلام پور محلي جي بشير پاڙي جي رهواسڻ سڪينه زال عثمان ميربحر، سندس ڌيءَ زڪيه زال شير علي، صوفيه ڌيءَ عثمان ميربحر ۽ ٻين ٺٽي ۾ صحافين اڳيان دانهيندي الزام هڻندي چيو اهي ته سندن پاڙي جي رهواسي منشيات فروشن سندن جيئڻ جنجال بنائي مٿن حملا ڪري کين زخمي ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ڪري هو سخت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ٻاڙهو ويجهو کهيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل، 5 ڄڻا سخت زخمي

کهيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان پيدا ٿيل ڇڪتاڻ خوني جهيڙي جي صورت اختيار ڪري وئي

نتيجي ۾ هڪ ڄڻو قادر کهيو موقعي تي دم ڏٽي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ عورتن سميت 5 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا

ڪيٽي بندر (رپورٽ: خليفو نادر علي) ٻاڙهو ويجهو کهيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل، 5 ڄڻا سخت زخمي، علائقي ۾ خوف و حراس ڇانئجي ويو خبر موجب ٻاڙهو ٿاڻي جي حد ڳوٺ نور محمد کهيو لوڏائي ۾ کهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28